ننڍڙا گهرو هنر

پاڱو پهريون

ليکڪ:- رام ڪرشنداس موهناڻي

33247

سنين شين ۽ سستن اگهن لاءِ ياد ڪريو

سنڌي اسٽورس

ٻرڪ روڊ، ميٽرو سئنيما جي پٺيان،
ڌوبي تلاءُ، بمبئي.

انڊور جو برڪت وارو سنو ۽ سستو ڏيج سچو گيهه

۵ سيرن وارو ڊبو ۳۰ روپيه ۽ اڍائي سيرن وارو ڊبو
۱۵ روپيه ۽ گانڌ يدام ڪنڊلا بندر جو لڀج سچو گيهه،
۵ سيرن وارو ڊبو ۲۵ روپيه ۽ پڻ اسالوٽ ڪڙو تيل،
ٻارن جي اکين لاءِ منو تيل، کوپري جو تيل، سڀني
قسمن جو سچو گيهه آگ مارڳ سرڪار جو پاس تيل،
کوپري جو تيل، سڀ ڪنهن قسم جا مدالح سچا ۽ هٿ
جا ڪٽيل، اٽو ٻاجرن جو، چوندڙيل سڪو ميوو، صابڻ،
داليون، شربت، گلاب جو پاڻي ۽ عرق هٿ جا چڪايل،
وڙيون، پاپڙ، ڪچريون، پسار، آچار، چٽڻيون، مربا،
ٻالڊا، ولسپتي، بسڪوٽ، چانهه دار جلنگ وغيره ملي
سگهندا ۽ ٻارن جي اکين لاءِ هٿ جو پيٺل سرمو
پڻ ملي سگهندو.

آرڊر ڏيڻ تي مال گهر پهچايو ويندو

۳۳۲۴۷ ٽيليفون نمبر

SINDHI STORES

Prop: **THAKURDAS JASHANMAL**

GENERAL & PROVISION MERCHANTS

Behind Metro Cinema, BOMBAY-1.

ننڍڙا گهرو هنر

ڀاڱو پهريون

چاپو ٻيو

۱۹۵۴

ليکڪ: رام ڪرشنداس موهناڻي

قيمت: هڪ روپيو

ارپڻ

ارپيان ٿو هي ننڍڙو پستڪ
پنهنجي ماتا جي پوتر چرنن ۾

رام ڪ. موهناڻي

ٻئي ڇاپي جو مهاڳ

مان فخر سان چئي سگهان ٿو ته ٻاڻ تي ٻاڙڻ جو
ٽ اسان سنڌين ۾ ازحد موجود آهي. موقعي شناسي
اسان ۾ گهٽ نه آهي. اهوئي ڪارڻ آهي ته
ان مان گهڻن هاڻ محسوس ڪيو آهي ته اسان
سنڌين جو مالي واڌارو، جنهن تي اسان جي اخلاق
ر وڏو مدار آهي، هنرن رستي وڌيڪ سولائيءَ
ان ٿي سگهندو.

هن ڪتاب جي پهرئين ڇاپي جون سڀ ڪاپيون
ڪل ٿوري وقت اندر خلاص ٿي وڃڻ سوڏيڪاري
ته اسان ۾ هنرن لاءِ چاهه بلڪل وڌيل آهي.
پنهنجي همت ۽ اُدم سان، هنرن رستي پنهنجي
سنڌي سماج کي ڏنوان بنايون، بڪ ۽ بيروزگاريءَ
. ٽڙي، وري پنهنجي سماج کي اڳي کان اڳريءَ
ج تي رسايون، اهائي آهي منهنجي سڀ آشا!

نومبر ۱۹۵۲ع

رام

پهرئين ڇاپي جو مهاڳ

اسانجي سنڌي سماج ۾ هرڪو عزت ۽ سؤمان جي زندگي گذاري تنهن لاءِ ضروري آهي ته اسان ۾ ڪو به بکيو ۽ بيروزگار نه هجي. بک ۽ بيروزگاري داناءَ کي به پنهنجي اخلاق تان پري ٿيڻ لاءِ لاچار ڪيو ڇڏي.

انيڪ سنڌي بلڪل ڏکيو وقت ڪاٽي رهيا آهن. ان ڪري خيال آيم ته منهنجي هنرن بابت ليکي ڄاڻ انهن سان ورهايان جئن هو پنهنجي لاءِ روزگار ۾ ڪو ڪارائتو وسيلو ڳولهي ڪڍن.

انهيءَ ڀاونا مونکي اخبار ۾ هنري ليکن ڏيڻ لاءِ تيار ڪيو. "هندستان" اخبار جي باني ڪارن ۽ سمپادڪ شري هيرانند ڪرمچند جو مان نهايت ٿورائتو آهيان جن مونکي هن سيوا ڪرڻ جو موقعو ڏيئي اتساهت ڪيو آهي.

اخبار ۾ پوندڙ ليکه سڌاري ۽ ڪيترائي بيا وڌيڪ هنر درج ڪري، هن ننڍڙي ڪتاب کي جنم ڏنو ويو آهي. ايشور دراهائي آراڌنا اٿم ته جنهن مراد سان هي ڪتاب رچيو اٿم سا سڦل بر ثواب ٿئي.

١٥ جولاءِ ١٩٥٢ع — رام ڪرڻداس موهناڻي

هنرن جي الف وار يادداشت

هنر	صفحو
اڇي بوٽ جو رنگ	٢٣
اگربتيون	٦٥
امرت ڌارا	٣٨
امونيي تيل	٤٧
اسٽينسل پنو	٦٩
آتش بازيءَ جا نانگ	٦٧
آرسي	٤١
آرينج اسڪئاش	١٨
بوٽ پالش	٦
تلڪ	٣٩
تيل (ڪاٺي جو) جي بانس مارڪ	٧٨
تيل جوئن مارڻ لاءِ	٥٥
تيل سبط جي مشين جو	٣٦
تيل ڪوڪونٽ ناهڪو جهڙو	٤٥
تيل وارن جو سرهو	٣٠
تيل وارن وڌائڻ لاءِ سرهو	٧٤
ٽافي	٥٣
ٽماٽو ساس	٩

صفحو	هنر
۴۴	پائوڊر منهن لاءِ
۲۵	پٽل پالش
۱۴	پيپرمينٽ ڪارب يٽل
۳۲	پينسل جا گورا
۳۶	چاندي چاڙهڻ جو پائوڊر
۳۸	چاندي چاڙهڻ جي ڪريم
۱۲	چاڪ اسڪولي
۲۱	چاڪ درزين جا
۴۶	چٺڪائي ٽيليفون
۵۷	ڇاپخانو آفيس ۽ گهر لاءِ
۶۴	ڌوپ چندن
۵	ڏندن جي ڪريم
۷۵	ڊبل روٽي
۱۶	ربڙ سوليوشن
۶۳	سليٽون
۷	سنو يا اٽيي ڪريم
۳۵	سوپاريون سڳنڌي
۸	سورن لاءِ ٻام
۲۰	سون چلڪائڻ جي پالش
۱۹	سينٽ رومال جي

هنر	صفحو
صابڻ ڌوئڻ جو	١٣
صابڻ ڌوئڻ جو	٤٨
صابڻ سنان جو	٦٠
فرنيچر پالش	١٥
فروٽ جيلي پائوڊر	٧٠
فروٽ سالٽ	٣٥
فنائيل	٢
فنائيل جو اسينس	٧١
قلم سليٽي	٦٠
ڪريم ڪاري مان گوري ڪرڻ جي	٣٠
ڪولڊ ڪريم سٽيڪ	٢١
ڪيڪ	٢٩
ڪيڪن جو مصالح	٢٤
کوپرو (ڪوڪو گولڊ جهڙو)	٦٦
کوکرو	٢٧
گلي	٣٣
گنس منٽلس	٦٢
لاک سيل مهر جي	٥١
مڇرن ۽ مکين لاءِ ڦوهارو	٩
مس پڪي دستاويزن لاءِ	٥٢
مس فائونٽين پين جي	٤

هنر	صفحو
مس فائونٽين پين جي بلو بليڪ	٧٣
مس ڳجهي	٤١
مس ڏوبين جي	٢٤
مس جا اکر ڦٽائڻ	٤٠
مس ڪپڙن تي نشان ڪرڻ جي	٢٦
مس هيڪٽوگراف	٥٩
ميڻ بتيون	١٦
نيل پالش يا نهن جو رنگ	١١
وارن لاهڻ جو صابڻ	٣٩
وارن لاهڻ جي ڪريم	٢٨
وارنش	٢٦
وار سونهري ڪرڻ	٤٦
وار ڪارا ڪرڻ جو خضاب	٥٦
وار ڪارا ڪرڻ جي ڪريم	٦٩ ۽ ٨٠
واري پنو	٧٧

Printed and Published by Mansingh Chuhermal, B.A.,
at Navrashtra Press, Hamam St.,
Fort, BOMBAY - 1.

اطلاع

هن ڪتاب ۾ جن به هنرن جا نسخا ۽ طريقا ڏنل آهن سي هر ممڪن ڪوشش ڪري صحيح ۽ آزمايل ڏنا ويا آهن. تنهن هوندي به جيڪڏهن ڪنهن شخص کي ڪنهن به ڪارڻ ڪو نقصان يا تڪليف پهچي ته هن ڪتاب جو ليکڪ يا ڇپائيندڙ ان لاءِ جوابدار ٿي نٿو سگهي.

صلاح

بهتر آهي ته هميشه ڪا به شيءِ تيار ڪرڻ وقت پهرين ٿورا ٿورو يعني بلڪل ٿوري انداز ۾ تيار ڪري آزمائي وٺجي ۽ پوءِ وڏي انداز ۾ تيار ڪجي.

ننڍڙا گهرو هنر

هنرمند ماڻهو ديش جو سچو سيوڪ آهي. هو پنهنجي ڪاريگري ۽ محنت سان غير ضروري ڪچين شين مان بلڪل ضرورت واريون ڪمائتيون شيون تيار ڪري ۽ ديش جي دولت ٿو وڌائي.

ڪيترين ئي روزمره جي ضرورت واريون شيون، جيڪي ڌارين ملڪن مان گهرايون وڃن ٿيون ۽ جن جي ڪري اساڻي ديش جو اٿاهه ناڻو ڌاريا ملڪ لٽي رهيا آهن، تن جو مقابلو هنرمند ئي ڪري سگهن ٿا ۽ ديش جي دولت کي لٽجڻ کان بچائي سگهن ٿا. اهائي آهي سچي ديش ڀڳتي!

اساڻي ديش جا وگياني (سائنسدان) ۽ هنرمند ماڻهو جيڪڏهن سجاڳ ٿين ۽ روزمره جي ضرورت جون شيون هر لياقت ۾ ولائتي شين جهڙيون ڪارگر ناهڻ شروع ڪن، ته پوءِ ڇو عام جنتا (جيڪا اڃا پوري سجاڳ نه ٿي آهي) ولائتي شين کي پسند ڪري ۽ ڇو اساڻي ملڪ جو ناڻو لٽجي ڌارين ملڪن ڏانهن وڃي؟

اسانجي سرڪار ديش جي هنرن کي زنده رکڻ لاء چڱا اُپاءَ ورتا آهن ۽ ڪيترا ان ئي شين تي ٻاهرين ملڪن مان گهرائڻ تي پابنديون وڌيون آهن. اهوئي ڪارڻ آهي جو ڪيتريون ولائتي شيون مشڪل ملن ٿيون ۽ وڏي قيمت ۾ وڪامن ٿيون. تنهن ڪري اسان جا ديشواسي جيڪڏهن هنرن ۾ شوق وٺندا ۽ پنهنجي وصيعت آهر هنري ڪم کوليندا ته نه رڳو چڱو چوکو ڌن ڪمائيندا پر ديش جي دولت وڌائي ملڪ جي سچي سيوا پڻ ڪري سگهندا.

هتان جا لوڪل ماڻهو اڳيئي پنهنجن پيرن تي بيٺل آهن ۽ پنهنجن ڌنڌن ۾ پورا آهن. تنهنڪري جيڪڏهن اسين سنڌي هنري ڪم شروع ڪنداسين ته بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ يا ٻين جي چنتا ۽ ڀيٽيءَ جي، پنهنجن هنري ڌنڌن ۾ ترقي ڪري سگهنداسين. هيءُ اسان لاء لاثاني موقعو آهي جو اسانکي هتان وڃائڻ نه گهرجي.

Disinfectant Fluid فنائيل (ا)

ڪاسٽڪ سوڊا	Caustic Soda	٢٥	حصا
پاڻي	Water	١٥٠	حصا
ڪريسلڪ ائسڊ	Cresylic Acid	٥٠٠	حصا
رانجهن يا ٻيروزو	Rosin	٢٠٠	حصا

پهريائين ٿوري باهه تي ڪنهن لوهه جي ٿانو ۾ رانجهن ڳرهاريو. اُن ۾ ڪريسلڪ ائسڊ چڱيءَ طرح ملايو ۽ پوء ٻئي هڪ وڏي لوهه يا ٽامي جي ٿانو ۾

پاڻيءَ ۾ سوڊا ڪاسٽڪ ملايو ۽ ان جي هيٺان باهه ٻاريو. پوءِ رانجهن ۽ ڪريسلڪ ائسڊ گرم حالت ۾ ٿورو ٿورو ڪري ڪاسٽڪ واري برتن ۾ ملايو ۽ ڪنهن ڏنڊي يا ڪرڇي سان چڱيءَ طرح گهوٽيو. جڏهين سڀ شيون چڱيءَ طرح پاڻ ۾ ملي وڃن تڏهن ان ۾ هڪ هزار (١٠٠٠) حصا گرم ٿڌڪندڙ پاڻي (وڌيڪ) ملايو. جيڪڏهن سستو فنائيل تيار ڪرڻو هجي ته هڪ هزار حصن کان به وڌيڪ پاڻي ملائي سگهجي ٿو. هي بلڪل سخت باس واري جيوڙا مار يا ڪينٽامار دوا آهي.

ٻيو طريقو

رانجهن	Rosin	٨٠ رتل
ڪوپرو ڪچو (تيل)	Oil Cocoanut	٢٠ رتل
ڪريوزوٽ تيل	Oil Creosote	١٢٥ رتل
ڪاسٽڪ سوڊا جو پاڻُو ٢٥ سيڪڙو	Caustic Soda Solution 25%	٣٠ رتل
پاڻي	Water	٢٠٠ کان ٣٠٠ رتل

هلڪي باهه تي رانجهن پگهاري ان ۾ ڪوپرو ملائي باهه کان پري ڪريو. پوءِ آئل ڪريوزوٽ ملائي ٽڪڙو گهمايو ۽ سوڊا ڪاسٽڪ جو پاڻو ملائي اٽڪل اڌ ڪلاڪ ڪن گهمايو ۽ پوءِ پاڻي ملائي ٽڪڙو گهمايو. اهڙيءَ طرح هڪ ڪلاڪ ڪن گهمائڻ کانپوءِ ان کي ڍڪي رکو ۽ ٢٤ ڪلاڪن کانپوءِ ڪم آڻيو.

(۲) فائونٽين پين جي مس Fountain Pen Ink

نيري Blue

مٿلن بلو- ۲ بي Methylene Blue-B.B.	۲۰۰	حصا
مٿائيل وايوليٽ ۲ بي Methyl Violet 2B	۱۰۰	حصا
گندڪ جو تيزاب ڊائليوٽ Sulphuric Acid-Dilute	۲۵۰	حصا
ڪاربولڪ ائسڊ Carbolic Acid	۲۵	حصا
پاڻي (رواجي) Water	(ٽيهه هزار) ۳۰۰۰۰	حصا

پهريائين توري پاڻيءَ ۾ رنگ ۽ تيزاب گندڪ جو ڊائليوٽ (چڊو) ملايو جڏهن رنگ چڱيءَ طرح ٺري وڃن تڏهن باقي بچيل پاڻي ۾ گڏيو. سياري جي موسوم ۾ ڪجهه گرم پاڻي هئڻ گهرجي. پڇاڙيءَ ۾ ڪاربولڪ ائسڊ ملايو.

نوٽ:- مس ٺاهڻ لاءِ فقط شيشي يا چيني‌ءَ جا برتن ڪم آڻڻ گهرجن.

رايل بلو Royal Blue

انڪ بلو ڪرسٽلس - اي- ايس (آءِ- سي- آءِ) Ink Blue Crystals-A.S. (I.C.I.)	۱	آئونس
ڊائليوٽ گندڪ جو تيزاب Acid Sulphuric Dilute	اڌ	آئونس
فارمل ڊي هائيڊ ۴۰ سيڪڙو Formal Dehyde	۱	آئونس
پاڻي صاف Water	۲۵۰	آئونس

هي سڀ پاڻ ۾ ملايو. ڇاڻڻ يا ٿهڪائڻ جو ڪو به ضرور نه آهي.

ڳاڙهي مس Red Ink

ايئو سائين ڳاڙهو رنگ ٽج

	Eosine Red (Concentrated)	½ آئونس
سرڪو چڊو	Vinegar	٢ آئونس
پاڻي	Water	٢٠٠ آئونس
ڪاربولڪ ائسڊ	Carbolic Acid هڪ پاڱي چار آئونس	

سڀ پاڻ ۾ ملايو.

سائي مس Green Ink

هيءَ به ڳاڙهيءَ مس وانگر تيار ٿيندي. هن ۾ فقط رنگ ڳاڙهي بدران سائو ڪتب ايندو جنهنجو نالو آهي Malachite Green - مئلاشائيٽ گرين، تيز رانگ. ٻيون سڀ شيون ۽ انداز ساڳيو ڳاڙهيءَ مس جيترو ڪم ايندو.

(٣) ڏندن جي ڪريم Tooth Paste

چاڪ پرسيپٽيٽ	Chalk Precipitate	١ رتل
صابڻ اوچو سنان جو	Toilet Soap	١ آئونس
جوهر قودنو	Menthol Crystals	٣٠ گرين
مٿائيل سئليسئليٽ	Methyl Salicylate	٦٠ قـڙا
سئڪرين	Sacchrine	١٥ گرين
گليسرين	Glycerine	٢ آئونس
پاڻي رواجي	Water	٢ آئونس

ٿڪندڙ پاڻيءَ ۾ صابڻ ڳاريو. چاڪ پرسيپٽيٽ. سئڪرين - جوهر ۽ مٿائيل سئليسئليٽ پاڻ ۾ گڏيو.

پوءِ ان ۾ صابڻ وارو پاڻي ۽ گليسرين گڏ پوءِ. جيڪڏهن وڌيڪ پاڻيءَ جي ضرورت پوي ته اهو ملائڻ گهرجي ۽ جڏهن ڪريم وانگر ٿلهي تيار ٿئي، تڏهن ٽيوبن ۾ پرجي يا هوا بند شيشين ۾ وجهڻ گهرجي. جيڪڏهن ڏندن جو پائوڊر تيار ڪرڻو هجي ته پاڻي ۽ گليسرين ڪم نه آڻجي ۽ صابڻ بـه پيڻل سنهو مٽڌي جهڙو هئڻ گهرجي.

(۴) بوٽ پالش Boot Polish

هڪ رتل	Carnauba Wax	ڪرنائوبا ميڻ
ڏيڍ رتل	Bees Wax	ماکيءَ جي ميڻ
ڏيڍ رتل	Paraffin Wax	هارڊ پئرافن ميڻ
۸ رتل	Oil Turpentine	تاربين جو تيل
پاءُ رتل	Oil Miraben	ميرابين تيل
گهرج آهر	Vaxoline Colour Black or Brown	تيل ۾ پڙندڙ رنگ ڪارو يا ناسي

بلڪل ٿوري گرميءَ تي سڀ ميڻ جا قسم پاڻ ۾ گڏي ڪنهن وڏي ٿئيءَ يا سپريءَ ۾ وجهي پگهاريو. جڏهن سڀ تيل جي صورت ۾ هجن تڏهن وڪسولن رنگ ڪارو يا ناسي، جيترو ڪافي سمجهو ۾ اچي اوترو، پگهريل تيل جهڙين ميڻن ۾ ملايو ۽ پيهاڙيءَ ۾ تاربين جو تيل ۽ ميرابين جو تيل انهيءَ ۾ چڱيءَ طرح ملائي بوٽ پالش جون ڊبليون پريو.

هيءَ پالش ولائتي بوٽ پالشن جهڙي سٺي ٿئي

تي بلڪ انهن ڪان به وڌيڪ چڱي، ڇو جو هن جي چمڪ وڌيڪ وقت تائين هلي ٿي. هن پالش تي پاڻيءَ جو ڪو به اثر نه ٿو ٿئي جنهن ڪري ڇَڙي جو بچاءُ ٿي ڪري. هن پالش ناهڻ وقت جي آئل ميرابين ڪتب نه آڻبو جنّ لکيل آهي ته به پالش ساڳيءَ طرح سٺي تيار ٿيندي فقط خوشبوء ولائتيءَ ڇڙي پوء نه ٿيندي.

(٥) سنو يا اڇي ڪريم Vanishing Cream

اسٽيئرڪ ائسڊ	Stearic Acid	هڪ رتل
پوٽاش ڪاربونيٽ	Potassium Carbonate	هڪ آئونس
گليسرين	Glycerine	هڪ آئونس
پاڻي رواجي	Water	ڇهه رتل

ائليومينم جي وڏي سپريءَ ۾ پاڻي ٽهڪايو. ان ۾ اسٽيئرڪ ائسڊ وجهو ته جلد اها پگهر جي تيل وانگر مٿان تردي ڏسڻ ۾ ايندي. ان ۾ پوٽاش ڪاربونيٽ وجهي ٽڪڙو ٽڪڙو گهمايو. جڏهن تيل وانگر بلڪل ڏسڻ ۾ نه اچي ته باهه تان هيٺ لاهي ان ۾ گليسرين ملائي گهوٽيندا رهو جيسين بلڪل ٺري وڃي. ان کي چڱيءَ طرح ڍڪي ٢٤ ڪلاڪ ڇڏي ڏيو ته ان ۾ سڀني موتين جهڙي چمڪ ايندي. پوء ان ۾ گلاب جو اسينس Essence Rose گهربل انداز ۾ چڱيءَ طرح ملائي سٺين شيشين ۾ پرايو.

هيءَ ڪريم ولائتي سنو جهڙي سٺي آهي ۽

منهن کي به چڱو سنڌار بنائي ٿي. سڪيءَ نه هڻڻ ڪري پگهر نه ٿي آڻي.

ٻيو طريقو

اسٽيئرڪ ائسڊ ٽرپل پريسڊ	Stearic Acid (Triple-Pressed)	١ رتل
ڪنگڻ ڪار	Borax Crystals	١ آئونس
پوٽاش ڪاربونيٽ	Potassium Carbonate Crystals	١ آئونس
گليسرين	Glycerine	٢ آئونس
پاڻي	Water	٦ رتل
خوشبوءِ اوچي (ڪا به)	Perfume (Any)	گهرج آهر

ناهڻ جو رستو ساڳيو جهڙو اڳ ۾ ڏنو ويو آهي.

(٦) سورن لاءِ بام Pain Balm

اڇي وئزلين	White Petrolatum	٢ رتل
جاڻ جو جوهر	Thymol Crystals	اڌ آئونس
لونگن جو تيل اڇو	Oil Cloves White	اڌ آئونس
دالچينيءَ جو تيل	Oil Cinnamon	اڌ آئونس
ونٽر گرين تيل	Oil Wintergreen	١ آئونس
جوهر ڦودنو	Menthol Crystals	اڌ آئونس
ليمن گراس تيل	Oil Lemon-grass	١ـ آئونس

هلڪي باهه تي وئزلين پگهاري اُن ۾ سڀ شيون گڏيو. گرم ۽ پگهريل حالت ۾ وڏي منهن

وارين شيشين ۾ پيو. هي بام مٿي جو سور، ڇاتيءَ جي سور، سنڌن جي سور، گلي جي سور ۽ ٽڪڻ ۾ مالش ڪرڻ گهرجي ۽ بلڪل سستو اثرائتو آهي ۽ چڱيءَ قيمت ۾ وڪامي ٿو.

(٧) مڇرن ۽ مکين لاءِ ڦوهارو

آئل سٽرو نيلا	Oil Citronella	٢ آئونس
آئل يوڪلپٽس	Oil Eucaliptus	اڌ آئونس
فنائيل جون گوريون پيسل	Naphthaline Powder	اڌ آئونس
بينزائيل بينزوئيٽ	Benzyl Benzoate	١ آئونس
گاسليٽ	Kerosene	٤٠ آئونس

سڀ شيون پاڻ ۾ ملايو. هي مشهور فلٽ جهڙو ڪم ڏيندڙ ڦوهارو آهي. مڇر، منگهڻ ۽ مکيون جلد ماريندڙ آهي. هن ڦوهاري جي باس بلڪل وڻندڙ آهي. جيو جنت هن جي باس کان بلڪل پري ڀڄندا آهن.

(٨) ٽماٽو ساس Tomato Ketchup

ڳاڙها ٽماٽا تازا		اڍائي سير
سرڪو	Vinegar	٤ آئونس
پاڻي	Water	هڪ سير

ڪنهن قلعي ٿيل سيپريءَ ۾ پاڻي ۽ سرڪو وجهي ٽهڪائڻ رکو. ان ۾ ٽماٽا (سڄائي) ڌوئي صاف ڪري وجهو ۽ مٿان ڍڪ ڏيو جئن ٻاڦ ٻاهر نه نڪري. ٿوري وقت کان پوءِ جڏهن ٽماٽا بلڪل ڳري وڃن ته انهن جون کلون لاهي وٺو. پوءِ انهن

کي چڱيءَ طرح گهوٽيو ۽ ڇاڻيءَ مان ڇاڻيو جئن ٻج رس مان نڪري وڃن. اِنهيءَ رس کي گاڙهيندا رهو جيسين اڌ گهاٽي ٿئي. باقي ڪن هيٺ لکيل اکرات هيٺيون شيون ملايو.

لوڻ	Salt	١	آئونس
کنڊ	Sugar	٤	آئونس
سوڊيم بينزوئيٽ	Sodium Benzoate	١	آئونس
زيتون جو تيل	Olive Oil	١	آئونس

گرم مصالح ڇهڙوڪ مرچ ڳاڙها، مرچ ڪارا، جيرو، دالچيني، ڦوٽا ننڍا، لونگ، جاوتري، جعفر سب مڱدي جهڙا سنها پيٺل ' گهرج آهر

جڏهن بلڪل ٺري وڃي تڏهن شيشين ۾ وجهي هڪدم بند ڪريو.

ولائتي ٽماٽي ساس ۾ مٿي ڄاڻايل گرم مصالحن کانسواءِ ڪجهه ڦڙا گلاب جي اسينس (Rose Essence) ۽ ڪجهه ڦڙا ونيلا جي اسينس جا ملائيندا آهن ته وڌيڪ سوادي ٿئي. جيڪڏهن ٽماٽو ساس گهرو ڪم لاءِ ٺاهڻو هجي ۽ هڪ هفتي اندر کائي خلاص ڪرڻو هجي ته پوءِ سوڊيم بينزوئيٽ (Sodium Benzoate) وجهڻ جو هرگز ضرور نه آهي.

نوٽ:- ٽماٽي ساس ٺاهڻ لاءِ هيءَ خاص خبرداري ڪرڻي آهي ته جيڪي ٻه ٽي ڪم آڻجن آهن سي

سب چڱيءَ طرح قلعي ٿيل هجن. ٻيءَ حالت ۾ ٽماٽي ساس رکڻ سان ڪارسري رنگ جي ٿيندي ويندي ۽ سندس اصلوڪو سهڻو ڳاڙهو رنگ بدلجڻ جو امڪان آهي.

٩- نيل پالش يا نهن جو رنگ Nail Polish

فلم صاف ٿيل ٽڪرا	Film Scrap	١ آئونس
امائيل ائسيٽيٽ	Amyl Acetate	٣ آئونس
ائسيٽون	Acetone	٥ آئونس
ايئوسائين ريڊ	Eosine red	گهرج آهر

امائيل ائسيٽيٽ ۽ ائسيٽون پاڻ ۾ ملائي ڪنهن هڪري منهن واري شيشيءَ ۾ وجهو. ان ۾ پوءِ صاف ٿيل فلم يا سليولائڊ جا ٽڪرا وجهي شيشيءَ جو منهن چڱيءَ طرح بند ڪريو، جيئن هوا ٻاهر نڪري نه سگهي. اٽڪل ٻن ڪلاڪن کان پوءِ سب فلم جا ٽڪرا ڳري ويندا. گهربل انداز ايئوسائين ريڊ رنگ ملائي، چڱيءَ طرح گڏجي وڃڻ کان پوءِ هيءَ نيل پالش، سهڻين هوا بند شيشين ۾ ڀريو.

سمجهاڻي:- ايئوسائين ريڊ کان سواءِ ٻيا به ڪيترا رنگ آهن جي ڪتب اچي سگهن ٿا. جيڪو به رنگ ائسيٽون ۾ ڳري سگهي سو ڪتب آڻي سگهجي ٿو. رنگ ٿورو يا گهڻو وجهڻ سان، نيل پالش جا ڪيترائي شيڊ (Shades) بنائي سگهجن ٿا. بلڪل ٿوري رنگ ملائڻ سان، نئچرل (Natural) شيڊ واري نيل پالش

تيار ٿيندي جا اڄ ڪلهه مارڪيٽ ۾ بلڪل چالو آهي ۽ گهڻو پسند ڪئي ويندي آهي.

ٻيو طريقو

لاک، داڻي واري	Grain lac	١ حصو
لاک، چپڙو	Shellac	١ حصو
رانجهن	Rosin	٢ حصا
مٿيليٽيڊ اسپرٽ	Methylated Spirit	١٠ حصا
امائيل ائسيٽيٽ	Amyl Acetate	٢ حصا
ايئوسائين ريڊ	Eosine Red	مرضيءَ موجب

اسپرٽ ۾ مٿيون ٽيئي شيون بلڪل سنهيون ڪٽي ملايو. جڏهن اهي اسپرٽ ۾ چڱيءَ طرح ڳري وڃن ته پوءِ اهو بلڪل سنهي ڪپڙي مان ڇاڻيو ۽ پڇاڙيءَ جو ان ۾ رنگ ۽ امائيل ائسيٽيٽ ملايو.

(١٠) اسڪول جا چاڪ Chalk Sticks

چيروليءَ پيئنل	Plaster of Paris	١٤٠ سير
چاڪ پيئنل اوڇو ولائتي	Chalk Powder, (Belgium)	٢٠ سير
گلي - نير	Ultramarine Blue	٣ تولا
پاڻي	Water	٤ مٽ

جهڙا مينڍ بتين جا سانچا يا ڪارب ٿيندا آهن. چاڪن جا ڪارب به ساڳئي قسم جا ٿيندا آهن. فرق فقط اهو ٿيندو آهي ته چاڪن جي سانچن ۾ ٿهيل گهر، ڪجهه لاهه وارا ٿيندا آهن. پهرين، چيروليءَ

چاڪ ۽ نيرُ گڏي پاڻ ۾ ملائي ڳوٽيون پري رکجن. اهو خيال رکڻ گهرجي ته سڀ شيون بلڪل سنهيون مٽيءَ مثل پيهل هئڻ ضروري آهن.

جڏهن چاڪ ناهڻا هجن تڏهن ٿورو انداز مٿي جاٽايل پائوڊر جو ۽ گهربل انداز پاڻيءَ جو پاڻ ۾ ملائجي. هي گهاٽي کير وانگر پنڙو ٿي پوندو. اهو يڪدم ڪارڊبن ۾ وجهي، ٻن منٽن بعد ڏسبو ته کير جهڙو پنڙو، جمي سخت ٿي ٿو وڃي. سانچن کي کولي پڻ جدا ڪندا ته چاڪن جون لنبيون سولائيءَ سان جدا ٿي پونديون. انهن کي ٻه چار ڏينهن اس ۾ سڪايو.

۱۱- ڪپڙن ڌوئڻ جو صابڻ Washing Soap

ڪوپرو (ناريل جو تيل)		۳ سير
مهوي جو تيل		۱ سير
ترن جو تيل		۱ سير
سوڊا ڪاسٽڪ	Caustic Soda	۱ سير
سنگ جيراهه پيهل	Soap-Stone Powder	۳ سير
سوڊا سليڪيٽ	Sodium Silicate	ڏيڍ پاءُ

لوهه جي وڏي ٽٽيءَ ۾ پاڻي، سوڊا ڪاسٽڪ ۽ سوڊا سليڪيٽ چڱيءَ طرح ملائي چڙهي ڏيو ته بلڪل نرم وڃي. اٽڪل ڏهن يا ٻارهن ڪلاڪن کان پوءِ، ان ۾ سڀ تيل ۽ پيهل سنگ جيراهه ملائي ڪنهن ڪاٺ جي ڏنڊي سان اٽڪل هڪ ڪلاڪ

ڪن گهوٽيو. ان کي ڪپڙي سان ڍڪي ۱۲ ڪلاڪ
ڇڏي ڏيڻ سان اهو جمي ڪجهه سخت ٿي پوندو.

اهو ڪچو صابڻ آهي جنهن کي ڪريءَ سان پوري
ننڍا ننڍا ڳنڍا ڪجن ۽ ٿئيءَ کي باهه تي چاڙهي
ڏنڊي يا ڪرڇي سان گهمائجي. جڏهن بلڪل پگهرجي
پاڻيءَ مثل ٿئي، تڏهن جلد لاهي صابڻ جي ڪاربن
۾ وجهي ڇڏي ڏجي. اُرڻ سان أي هي صابڻ جمي
سخت پٿر جهڙو ٿي پوندو جنهن کي پنهنجي مرضيءَ
موجب ڪپي چڪيون يا لنبيون تيار ڪجن.

سنگ جيراهه صابڻ کي سستي ڪرڻ لاءِ ملائبو
آهي تنهن ڪري پنهنجي مرضيءَ موجب ان جو
انداز گهٽائي يا وڌائي سگهجي ٿو. سليڪيٽ وارو
صابڻ ڪيترو به وقت رکڻ سان پنهن جي صورت
نه بدلائيندو پر گهٽي انداز سليڪيٽ وجهڻ سان
صابڻ وزندار ٿي پوندو جو واپرائيندڙ پسند نه ڪندا
۽ چوماسي ۾ ڪجهه آليرو به ڏسڻ ۾ ايندو جو به
سليڪيٽ جو هڪ اوگڻ آهي.

۱۲- پيرمينٽ ڪارڊيئل Peppermint Cordial

کنڊ جو شربت رواجي Syrup Simplex		هڪ شيشو (۲۴ آئونس)
اسپرٽ مينٿا پپ Spirit Mentha Pipp		۱ آئونس
اسپرٽ جنجر Spirit Zingberis		اڌ آئونس
اسپرٽ ڪلوروفارم Spirit Chloroform		پاءُ آئونس
سائو رنگ شربتي Edible Colour Green		بلڪل ٿورو گهرج آهر

ادائي پاءُ داڻي واري کنڊ ۾ ٿهڪندڙ پاڻي اڌ سير وجهو جنهن سموري کنڊ ڳري وڃي ۽ شربت هڪ وڏي شيشي جيترو تيار ٿئي. انهيءَ ۾ پهرين شربتي سائو رنگ چڱيءَ طرح ڳاري ملايو. باقي رهيل سپ اسپرٽ ملايو. هيءُ اصل ولائتي پپرمنٽ جهڙو سوادي ۽ اثرائتو آهي. گهڻو ڪري هر ڪنهن سنڌيءَ جي گهر ۾ موجود رهندو آهي. وائي، بادي، پيٽ جي تڪليف ۽ ٿڌ لاءِ واپرائبو آهي.

١٣- فرنيچر پالش Furniture Polish

اسپرٽ مٿيليٽيڊ	Spirit Methylataed	١ گئلن
چندراس	Sandrac Gum	١ رتل
مسطڪي کونئر	Gum Mastic	اڌ رتل
لاک چپڙو	Shellac	اڌ رتل

سڀ شيون ڪٽي بلڪل سنهيون ڪريو ۽ اسپرٽ ۾ ملايو. ٢٤ ڪلاڪن جي اندر سڀ شيون ڳري وينديون. چڱيءَ طرح ملائي پوءِ سنهي ڪپڙي مان ڇاڻي شيشا ڀري رکو، جن جا بوچ چڱيءَ طرح بند رکو.

هيءَ پالش پڪي ساڳوان مان ٺهيل فرنيچر جهڙوڪ پلنگ، ميزون، ڪرسيون ۽ ڪٻٽن کي چلڪائڻ لاءِ ڪتب ايندي آهي. بمبئي ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ فرنيچر جي پالش وارا چڱو روزگار پيدا ڪندا آهن.

خبرداري :- اسپرٽ کي جلد باهه وٺندي آهي جنهن ڪري هنجي ناهڻ وقت باهه يا بيڙي سگريٽ وغيره ويجهو نه آڻجي .

١٤- رٻڙ سوليوشن Rubber Solution

ڪريپ رٻڙ	Crepe Rubber	٢ آئونس
پيٽرول	Motor Spirit	١٦ آئونس

چمڙي جي اوچي قسم جي بوٽن کي مچيءَ جي پيٽ جهڙو جيڪو رٻڙ جو ترو موچي وجهي ڏيندا آهن ان کي ڪريپ رٻڙ چئبو آهي . هي اٽڪل ٣.روپيه هڪ رتل جي حساب سان وڪامندو آهي . ڪريپ رٻڙ کي ڪپي بلڪل سنها ٽڪر ڪريو . پوءِ وڏي ڍڪ واري ٽين ۾ وجهي، ان ۾ پيٽرول وجهي، چڱيءَ طرح ڍڪ بند ڪري رکي ڇڏيو . اٽڪل ٻن ڏينهن کان پوءِ کولي ڏسندا ته رٻڙ جا ننڍا ٽڪر ڦلبدي بلڪل وڏا ٿي پيا آهن ۽ سڀ پيٽرول چوسي ورتو اٿن . انهن کي چڱيءَ طرح گهوٽيو جئن سڀ رٻڙ جا ٽڪر ڳري ملي هڪ ٿي وڃن .

هيءَ سوليوشن سائيڪل ۽ موٽر جا ٽيوب، رٻڙ جو سامان ۽ بوٽن جا ترا چنبڙائڻ ۾ ڪتب ايندي آهي .

١٥ - ميڻ بتيون Candles

هارڊ پئرافن ميڻ	Hard Paraffin Wax
اسٽيئرڪ ائسڊ	Stearic Acid

تيل يا ميڻ جو خاص رنگ

Vaxoline Colour (I.C.I.) گهرج آهر

پئرافن ميڻ جا ڪيترائي قسم ٿيندا آھن. ڏسڻ ۾ سڀاڻي نہ سگھبي تہ اھا ميڻ، ميڻ بتين جي ڪم جي آھي يا نہ. اسان جو ڀارت ديش بلڪل گرم ملڪ آھي. اھوئي ڪارڻ آھي جو اٽلاڻ ماڻھن جون ٺاھيل ميڻ بتيون اونھاري ۾ گرميءَ ڪري ڏنگيون ڦڏيون ۽ بدزيبيون ٿي پونديون آھن ۽ پاڻ ۾ لڳي پونديون آھن. جنھن پئرافن ميڻ جي پگھرجڻ جي گرميءَ جي حد ١٢٠ ڊگريون (فھرنائيٽ) کان مٿي آھي سا ئي ھن ملڪ ۾ ميڻ بتين لاءِ ڪارائتي ٿي سگھي ٿي. اسٽيئرڪ ائسڊ بہ ميڻ جھڙي شيءِ آھي جنھن جي پگھرجڻ جي گرميءَ جي حد اٽڪل ١٥٠ ڊگريون (ايف) آھي پر ڇاڪاڻ تہ پئرافن ميڻ کان گھڻو وڌيڪ مھانگي آھي تنھن ڪري سستين ميڻ بتين جي ٺاھڻ لاءِ اھا ڪم آڻڻ بلڪل مشڪل آھي. تنھن ڪري وڌي ڊگريءَ واري پئرافن خريد ڪرڻ گھرجي جنھن اسٽيئرڪ ائسڊ بلڪل گھٽ وجھڻي پوي يا بلڪل ذرو بہ ڪم آڻڻ جي ضرورت نہ پوي. ميڻ بتيءَ جي ٻرڻ ۽ سوجھري تي اسٽيئرڪ ائسڊ جو ڪو بہ خاص اثر نہ آھي. ڪي ماڻھو وري ٻين ڪيترن قسمن جون ميڻون ڪتب آڻيندا آھن جن ۾ بہ ھروڀرو ڪا گھڻي سياڻپ نہ آھي.

ميڻ بتين جا سانچا يا ڪارب ڍليءَ، ميرٽ ۽ عليءِ جڙھ ۾ پتل يا ائليومينيم منجھان ٺھيل لڪيل

ئي ملندا آهن. انهن جي ڪم آڻڻ ۽ سنڀال وغيره جي ترتيب جو ڪاغذ به انهن سان شامل ملندو آهي. ميڻ بتين جي ناهڻ جي ترتيب اڪثر ڪري هيٺين ريت آهي.

ڪليل ڪاربن ۾ وٽيون يا ڌاڳا وجهي بند ڪرڻ (٢) انهن کي پگهريل ميڻ سان ڀرڻ (٣) ٺرڻ کان پوءِ سانچا کولي ميڻ بتيون جدا ڪرڻ ۽ (٤) تکي ڪپ سان ڪپي سڀ هڪ سائيز جون ٻيهارڻ.

١٦- آرينج اسڪئاش Orange Squash

ڪنبد داڻي واري صاف	Refined Sugar	هڪ سير
گلوڪوس	Glucose	اڌ سير
تازين نارنگين جي رس	Orange Juice	اڌ سير
پوٽشم ميٽا باءِ سلفائيٽ	Potassium Metabisulphite	٣٠ گرين

نارنگين جي رس، ڪنبد ۽ گلوڪوس، ڪنهن شيشي يا چيني جي وڏي جگ يا ڪوزي ۾ وجهو اهو (Jug) ڪنهن وڏي سيري ۾ رکو ۽ سيري کي پاڻيءَ سان ڀريو ۽ ان جي هيٺان هلڪي باهه ٻاريو. پاڻي جڏهن گرم ٿيندو تڏهن جگ ۾ پيل ڪنبد، گلوڪوس ۽ رس پگهرجي ويندا ۽ پاڻمرادو شربت تيار ٿي پوندو. اهو خيال رکڻ ضروري آهي ته پاڻي ٽهڪي نه وڃي. ڇو جو گهڻيءَ گرميءَ سبب

نارنگيءَ جي رس ۾ جي طاقت وارا جزا آهن سي ناس ٿي ويندا ۽ نارنگيءَ جي وڻندڙ قدرتي خوشبوءِ پڻ اڏامي ويندي. تنهن ڪري پاڻي ٿهڪڻ جي حد کان ڪجهه گهٽ گرم هئڻ بلڪل ضروري آهي.

جڏهن شربت تيار ٿي رهي ته پوءِ ان مان اٽڪل چار يا پنج تولا ڪڻهن چيني‌ءَ جي ڪوپ ۾ وجهي ان ۾ پوٽئشم ميٽا باءِ سلفائيٽ چڱيءَ طرح ملائي ڳاريو. اهو ڪوپ وارو شربت وري سڄوري شربت سان ملائي شيشا ڀري رکو.

هيءُ شربت ڪيتري به وقت رکڻ سان خراب نه ٿيندو. هيءُ شربت بلڪل سوادي، بدن کي تازو توانو ڪندڙ ۽ بلڪل طاقت بخش آهي. مدي جي بخار يا ڪمزوريءَ ۾ به واپرائي سگهجي ٿو. پوٽئشم ميٽا باءِ سلفائيٽ ڪنهن به شربت کي ڪنو يا خراب ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ ئي ڪم ايندو آهي.

ساڳيءَ طرح، نارنگيءَ جي رس بدران ليمي جي رس ڪم آڻڻ سان ليمن اسڪئاش (Lemon Sqnash) تيار ٿيندو.

١٧- رومال جي سينٽ Scent Bouquet

آئل لوينڊر (اوچو)	Lavender Oil	اڌ آئونس
گلاب جو ايسنس	Oil Essence Rose	٢ آئونس
نرگس جو ايسنس (اوچو)	Oil Essence Nurcius	١ آئونس
اسپرٽ ريڪٽيفائيڊ	Spirit Rectified	١٣ آئونس

سڀ پاڻ ملائي سهڻين سينٽ جي شيشين ۾ پريو ۽ بوچ چڱيءَ طرح بند ڪريو ته جئين سينٽ اڏامي نه وڃي. هيءَ سينٽ جيئن جهوني ٿيندي ويندي تئين ويندي وڌيڪ ڪاپل ۽ وڻندڙ ٿيندي.
مٿين خوشبودار ايسنس ڪان سواءِ ٻيا به ڪيترا بلڪل وڻندڙ ايسنس ملندا آهن جن کي پنهنجي مرضيءَ موجب گڏي، اسپرٽ ملائي، سينٽ ٺاهي سگهجي ٿي. اسپرٽ جو وزن، سڀني ايسنس جي گڏيل وزن ڪان چوڻو هئڻ گهرجي.

١٨- سون کي چلڪائڻ جي پالش يا لسٽر
Jeweller's Rouge (Luster)

هيراڪس ڦلاريل

	Ferrous Sulphate Anhydrous	٣ سير
ڪتيلو ڪوئنڊر پيٺل	Gum Tragacanth	اڌ آنو
پاڻي	Water	گهرج آهر

هيراڪس کي ڪتي سنهو ڪريو. ان کي لوهه جي وڏيءَ ڪڙيءَ ۾ وجهي هيٺان سخت باهه ڏيو ۽ لوهه جي ڪرڇي سان گهمائيندا رهو. دونهين ڪان پاڻ کي بچايو جو جو اهو دونهون، گندڪ جي تيزاب جو آهي ۽ اکين لاءِ ڪجهه نقصانڪار آهي. اٽڪل ڪلاڪ کن ڪان پوءِ دونهون نڪرڻ بلڪل بند ٿي. ويندو ۽ هيراڪس ڦري سنهڙي ٻاڙهي رنگ جو بلڪل اسو پائوڊر تيار ٿي پوندو جنهن کي سون

خواهه ٻين ڌاتن کي چلڪائي آرسيءَ مثل ڪرڻ جي
خاصيت آهي. ان پائوڊر ۾ جيڪڏهن منڊي ڇهڙو
سنهو پيتل ڪٽيلو ملائي پاڻيءَ سان آلو ڪري ڪاربن
رستي ٻنيون تيار ڪبيون ته اهي ٻف مشين پالش
لاءِ ڪتب اچي سگهنديون.

١٩- درزين جا چاڪ Tailors' Chalk

ڪيڙي مٽي	Pipe Clay	٢ حصا
چيني مٽي	China Clay	هڪ حصو
مٽيءَ جا رنگ	Pigment Colours	مرضيءَ موجب
پاڻي	Water	گھرج آهر

ڪيڙي مٽي ڪٽي بلڪل سنهي ڪريو. ان ۾ چيني مٽي ۽ رنگ (مرضيءَ موجب) ملائي، ان ۾ ٿورو انداز پاڻيءَ ملائي ڳوهيو ۽ ڪارب يا ڊائي ۾ وجهي دٻاو سان چڪيون تيار ڪريو.

٢٠- ڪولڊ ڪريم سٽيپ، Cold Cram

وائيٽ آئل	White mineral oil	٤٢ آئونس
ماڪيءَ جي ميڻ اچي ولائتي	Bees Wax White (Bleached)	١٤ آئونس
سهاڳو يا ڪنگڻ ڪار	Borax	١ آئونس
پاڻي	Water	٢٤ آئونس
گلاب جو ايسنس اوچو	Oil Essence Rose	گھرج آهر

بلڪل هلڪيءَ باهه تي ميڻ ۽ تيل ڳڪاريو. ٻئي
هڪ الليومينم جي وڏي باسڻ ۾ پاڻي ۽ ڪنگڻ ڪار

ملائي ٻاهه تي رکو. جڏهن ٿڌڪ لڳي ته ان ۾ ڦرين
ٻاسڻ وارو پگهريل تيل ۽ ميڻ ٿورو ٿورو ڪري سڀ
ملايو ۽ تڪڙو گهمايو. جڏهن ڪجهه گهاٽو ٿئي تڏهن
ٻاهه تان هيٺ لاهي گهمائيندا رهو. جڏهن ڪجهه
ٺري (گرمي 140° F) تڏهن ان گلاب جو اسينس
ملائي گرم حالت ۾ (گرمي 100° F) ٿي شيشين ۾
ڀري ٺري رکي. تمام سهڻي ڪريم تيار ٿيندي. جي
ڪريم اجا به سخت ڪرڻي هجي ته وائيٽ آئل گهٽايو.

ٻيو طريقو

ماکي ۽ جي ميڻ اڇي	White Bees Wax	٣٠ حصا
اسپرميسٽي	Spermaceti	١٠ حصا
اڇي وئزلين	Petroleum Jelly White	٢٠ حصا
وائيٽ آئل	White Mineral Oil	١٢٠ حصا
ڪنگڻ ڪار يا سهاڳو	Borax	٢ حصا
پوٽئشم ڪاربونيٽ ڪرسٽلس	Potassium Carbonate Crystals	٢ حصا
خوشبوء وٽندڙ	Perfume	گهرج جيتري
پاڻي	Water	١٠٠ حصا

ڦرين قلعي ٿيل برتن ۾ پاڻي ٿهڪائي ان ۾
ڪنگڻ ڪار ۽ پوٽئشم ڪاربونيٽ ڳاريو. ٻئي ٻاسڻ
۾ مٿيون ٽيئي شيون وجهي ٻاڦ تي (Water-bath)
پگهاريو. جڏهن سڀ تيل مثل ٿي وڃن ته ان ۾

ٻهرين ٻاسڻ وارو ٿهڪندڙ ڪنگڻ ڪار وارو ڳاڙو تورو تورو ڪري سڀ ملايوءِ چڱيءَ طرح گھمائيندا رهو. ان کي ٻاڦ (Water-bath) تان هٽايوءِ تيستاءِ گھمايو جيسين بلڪل ٺري وڃيءَ ان کي هٿ لائي سگھجي. پوءِ ان ۾ خوشبوءِ ملائي شيشيون ڀريو.

۲۱- اڇي بوٽ جو رنگ White Shoe Dressing

ڪونئر ٻبر جو	Gum Arabic	۱ رتل
سرس يا ٿنبڻ اڇي	Glue (White)	۱ رتل
مئگنيشم ڪاربونيٽ (هلڪو)	Magnessium Carbonate (light)	اڌ رتل
سرڪي جو تيزاب	Acid Acetic	۱ آئونس
ڦٽڪي	Alum	۱ آئونس
پاڻي	Water	۴ رتل

ٿهڪندڙ پاڻيءَ ۾ مٿيون ٻه شيون چڱيءَ طرح ڳاري، انهن ٽيون نمبر شيءِ چڱيءَ طرح ملايو جئن ڪي ٻه ڳوڙها ڳنڍيون نه رهن. پوءِ تورو پيو ٿهڪندڙ پاڻي (اٽڪل ۳ يا ۴ آئونس) ڪٽو. ان ۾ ڦٽڪي ءِ سرڪي جو تيزاب ڳاربوءِ اهو ٻهرين تيار تيل اڇي رنگ ۾ ملايو. هي رنگ جڏهن سڪي ويندو ته پوءِ ان تي پاڻيءَ جو اثر نه ٿيندو. تنهن ڪري بوٽ کي واٽر پروف (Water-Proof) ڪرڻ جي خاصيت هن رنگ ۾ آهي.

۲۲- ڌوٻين جي پڪي مس Laundry Marking Ink

سلور نائٽريٽ ڪرسٽلس Silver Nitrate Crystals		هڪ آئونس
توتيو	Copper Sulphate	۲ آئونس
لڪئڊ امونيا	Liquid Ammonia	۴ آئونس
پاڻي	Water	۴ رتل (۶۴ آئونس)
ڪوئنر ٻبر جو پيئنل	Gum Acacia Powder	هڪ رتل
بتيءَ جو ڪارو ڦلو	Lamp Black	پاءُ رتل

اڌ پاڻيءَ ۾ پهريون ٽنهي شيون چڱيءَ طرح گاريو. باقي بچيل اڌ پاڻيءَ ۾ پويون ٻه شيون گاريو ۽ پوءِ ٻنهي پاڻياٺيون پاڻ ۾ ملائي هوا بند شيشين ۾ وجهو. هن مس سان لکڻ لاءِ ڪنهن به ڌاتوءَ جون اسٽيل پينون يا نب (Nibs) ڪتب نه آڻجن. پر پائيبندن جي ليکڻ (Quill Pen) سان ئي اکر لکڻ گهرجن. هن مس جا لکيل اکر ڪپڙي تان بلڪل نه لهندا.

۲۳- ڪيڪن جو مصالحو Baking Powder

ڪئلشم مونوفاسفيٽ	Calcium Monophosphate	۵ حصا
سوڊا مني (سوڊا باءِ ڪارب)	Soda Bicarbonate	۴ حصا
نشاستو ولائتي	Corn Starch	۶ حصا

سڀ شيون ڪپڙي ڇاڻ (مٿڏي ڪان به سنهيون) ڪري ڪجهه وقت اس ۾ رکو ته خشڪ ٿين. پوءِ پاڻ ۾ چڱيءَ طرح ملائي هوا بند ڏٻن ۾ وجهو.

ٻيو طريقو

ڦٽڪي قلاريل (رواجي اچي)

١ رتل	Ammonia Alum Anhydrous	
٢ رتل	Sodium Bicarbonate	سوڊا مٺي
٣ رتل	Starch	نشاستو ولائتي

اُهي شيون بلڪل سنهيون پيهل هئڻ گهرجن. انهن کي ڌار ڌار ڪجهه وقت اس ۾ رکو جئن سڀ خشڪ ٿي وڃن. پوءِ جڏهين ٺري رهن تہ انهن کي پاڻ ۾ ملائي وڏي منهن وارن ڊبن ۾ وجهو. ڊبن جا ڍڪ اهڙا بند هجن جو اندر هوا نہ وڃي سگهي. هن مصالحي کي جئن گهميل هوا لڳندي تئن هن جو اثر نڪرندو ويندو.

٣٤- پتل جي پالش Brasso

شيشو پيهل مٽي کان بہ سنهو

١ رتل	Glass Powder (very fine)	
١ رتل	Chalk Levigated	چاڪ پيهل ولائتي
١ آئونس	Oxalic Acid	آڪزئلڪ ائسڊ
٤ آئونس	Yellow Bees Wax	پيلي ماکيءَ جي ميڻ
گهرج آهر	Oil Sesame	تيل ترن جو

ماکيءَ جي ميڻ پگهاري ان ۾ ترن جو تيل (Oil Sesame) ملايو. ان ۾ باقي رهيل شيون ملائي ڪريم جهڙو نرم ڪريو ۽ ڊبلين ۾ وجهو.

هيءَ پتل پالش، ٽامي پتل ۽ چانديءَ جي سامان جي ڪٽ لاهي، صاف ڪري چلڪائي ٿي.

٣٥- سستو وارنش Cheap Varnish

تارپين جو تيل سستو	Oil Turpentine (Tech)	٢٤ آئونس
رانجهن پيلو	Rosin Yellow	١ رتل

اگرن جي هلڪيءَ باهه تي رانجهن پگهاريو. جڏهن پگهرجي تيل جهڙو ٿي وڃي ته پوءِ باهه تان هيٺ لاهي ان ۾ تارپين جو تيل ملائي اٽڪل ڇهه ڪلاڪ ڪن ڇڏي ڏيو. پوءِ سنهي ڪپڙي مان ڇاڻي شيشا ياد با پريو.

رانجهن جڏهن پگهاربو آهي ته ان مان دونهون نڪرندو آهي جنهن ڪي باهه سولائيءَ سان وڃرندي آهي. تنهن ڪري ڪوئلن جي بلڪل هلڪيءَ باهه تي پگهارڻ گهرجي.

هيءَ وارنش بلڪل سستو چلڪي وارو آهي. هن ۾ مٽيءَ وارا رنگ (Pigments) ملائبا ته آئل پينٽ جا رنگ تيار ٿيندا.

٣٦- ڪپڙي تي نشان ڪرڻ جي ڳاڙهي مس Cloth Marking Ink

ڦٽڪي	Alum	١ آئونس
اليزرين ڳاڙهو رنگ	Alizerine Red	١ آئونس
ڊيڪسٽرين	Dextrine	٣ آئونس
پاڻي	Water	١ رتل

ٿڌي پاڻيءَ ۾ سڀ شيون چڱيءَ طرح ملايو.

هيءَ مس هئڊي پيلي رنگ جي ڏسڻ ۾ ايندي. ر ڪپڙي ڌوئڻ کان پوءِ سهڻي ڳاڙهي رنگ جا پڪا اکر ڏسڻ ۾ ايندا جي اصل نه ڦٽندا.

٢٧- ولائتي ڪوندر

Adhesive Paste (Gloy-Type)

ڊيڪسٽرين	Dextrine	١ رتل
سوڊيم سليڪيٽ	Sodium Silicate	٢ آئونس
جوهر جاڻ جو	Thymol Crystals	١٥ گرين
پاڻي	Water	١ رتل
زنڪ سلفيٽ	Zinc Sulphate	٢٠ گرين

ٿڌي پاڻيءَ ۾ ڊيڪسٽرين ملايو ۽ ڳوڙها ڳنڍيا ڳاري سنهي ڪپڙي مان ڇاڻيو. ان کي هلڪيءَ باهه تي رکو ۽ سوڊيم سليڪيٽ ملايو. جڏهن شيشي وانگر صاف ڏسڻ ۾ اچي تڏهن باهه تان هيٺ لاهيو. جي ڪجهه گهاٽو سمجهڻ ۾ اچي ته ڪجهه وڌيڪ پاڻي ملايو ته جئن ولايتي ڪوندر (Gloy) جهڙو گهاٽو ڏسڻ ۾ اچي. اجا ٿورو گرم ئي هجي ته ان ۾ جاڻ جو جوهر ٿڌي جهڙو سنهو پيٺل ۽ زنڪ سلفيٽ ملايو. بلڪل ٺري وڃڻ کانپوءِ وڏي منهن وارين شيشين ۾ ڀريو.

هي ڪوندر بلڪل ولايتي ڪوندر جهڙو آهي ۽ اصل خراب نه ٿيندو. منجهس چنبڙائڻ جي طاقت بلڪل گهڻي آهي.

٢٨- بيڪار وارن لاهڻ جي ڪريم
Depilatory Cream

سوڊيم سلفائيڊ	Sodium Sulphide	۴ آئونس
سنگ جيراهه پينل	French Chalk	١٩ آئونس
گليسرين	Glycerine	۴ آئونس
بينزلڊيهائيڊ	Benzaldehyde	٦٠ ڦڙا
پاڻي	Water	گهرج آهر

سوڊيم سلفائيڊ کي ڪٽي سنهو ڪريو. ان ۾ پاڻيءَ کانسواءِ ٻيون سڀ شيون ملايو. پڇاڙيءَ جو هِن ۾ ايترو پاڻي ملايو جئن ڪريم تيار ٿئي.

هي ٽيوبن Collapsible Tubes ۾ يا وڏي منهن وارين ڪريم جي شيشين ۾ ڀري وينديي آهي. پر هڪ خيال ضرور رکڻو آهي ته شيشين جو ڍڪ اهڙو هئڻ گهرجي جو اندر هوا نه وڃي سگهي. هن ڪريم مان هوا نڪري وينديي ته بوءِ سندس ائين گهٽجي ويندو.

هيءَ ڪريم ڪهڙي به نازڪ چمڙيءَ کي پوسرائي يا ساڙي ٿئي ۽ منجهس خراب باس پڻ نه ٿيندي آهي.

٢٩- شو ڏارا يا اهرت ڏارا

جوهر قودنو	Menthol Crystals	١ تولو
جوهر جاڻ	Thymol Crystals	٢ تولا
ڪافور	Camphor	٣ تولا

هي ٽيئي شيون خشڪ داڻن وانگر آهن پر جڏهن ڪنهن به شيشيءَ ۾ ٽيئي ملائبيون ته پگهر جي تيل مثل ٿي پونديون.

عام رواجي طرح مٿيون ٽيئي شيون هڪ جيتري انداز ۾ ملائي شوڌارا يا امرت ڌارا تيار ڪئي ويندي آهي. پر اها مٿئين طريقي موجب تيار تيل کان وڌيڪ مهانگي ۽ پڻ گهٽ اثر واري آهي.

هيءَ مشهور دوا آهي جا ڪيترن دکن کي لاهڻ لاءِ ڪتب آندي ويندي آهي. هن کي ڪم آڻڻ جي رستي جي پڻ گهڻو ڪري سڀني کي ڄاڻ آهي.

ٻيو طريقو

آئل پيپرمنٽ	Oil Peppermint	١ آئونس
آئل ٿائيم (ڄاڻ جو تيل)	Oil Thyme	٢ آئونس
ڪافور	Camphor	١ آئونس
آئل ونٽر گرين	Oil Winter Green	اڌ آئونس
لونگن جو تيل اڇو	Oil Cloves	اڌ آئونس
سونف جو تيل	Oil Anisee	اڌ آئونس

مٿيون سڀ شيون پاڻ ۾ ملايو. هيءَ ٻيءَ شوڌارا وانگر ڪيترن مرضن ۾ ڪتب آندي ويندي آهي.

٣٠. ڪيڪ Cakes

گيهه (ڊالڊا)	Butter	اڌ سير
کنڊ	Sugar	اڌ سير
مڻدو	Flour	١ سير
ڪڪڙ جا بيضا	Eggs	ڇهه
کير ماهو (گهاٽو)	Milk	١ پاءُ يا مٿي
بيڪنگ پائوڊر	Baking Powder	١ آئونس

ڪاڌي جو ايسنس جهڙوڪ:-

ايسنس ونيلا يا ايسنس روز	Edible Essence	گهرج آهر

پوءِ اِن مٽيءَ ۾ بيڪنگ پائوڊر ملايو. پوءِ گيهه، کنڊ، بيضا، کيوڙي ايسنس ملايو. کير ايترو ملائڻ گهرجي جيئن رٻڙيءَ (Cream) وانگر ڏسڻ ۾ اچي. اهو ڪارڻ ۾ وجهو جن کي پهريائين سٽي مکيو ويو هجي. هي ڪيڪ بلڪل ٿڌي تؤ ۾ پچايو. هي ڪيڪ ڪاڏي ۾ بلڪل لذيذ ۽ پرڪٽا (Crisp) آهن.

٣١- وارن جو سرهو تيل (سادو)

Hair Oil (Cheap)

وائيٽ آئل	White Mineral Oil	١ رتل
خوشبوءِ جهڙوڪ		
ايسنس جئسمين	Oil Essence Jasmine	١ حصو
آئل لوينڊر	Oil Lavender	گهرج آهر يا اٽڪل ٢ ماسا

هي سڀ شيون پاڻ ۾ ملايو ۽ سهڻين شيشيون ۾ پريو.

٣٢- ڪارن ماڻهن کي سهڻي (گوري) ڪرڻ جي ڪريم

Skin Bleach Cream

اڇي وئزلين	White Petroleum Jelly	٢ آئونس
گليسرين	Glycerine	١٠٠ ڦڙا
دار چڪنو	Mercuric Perchloride B. P.	ڏهه گرين
زنڪ آڪسائيڊ	Zinc Oxide B. P.	ويهه گرين
خوشبوءِ جهڙوڪ		
آئل اسپنس موگرو	Oil Essence Mogra	گهرج آهر

شيشي يا چيني جي ٻرتن ۾ اڇي وئزلين وجهي رکي بلڪل ڇهيٺي، ڪوئلن جي باهه تي رکو جڏهن سموري وئزلين پگهر جي تيل مثل ٿي وڃي ته ان ۾ زنڪ آڪسائيڊ ملايو جنهن ڪري ڳوڙهو ڳنڍو سڄو نه رهي ۽ پوءِ باهه تان هيٺ لاهيو.

شيشي يا پٿر جي ڪرل (Mortar and Pestle) ۾ گليسرين وجهي ان ۾ دارچيني ملائي گهوٽيو. جڏهن سمورو دارچيني گليسرين ۾ ڳري وڃي تڏهن ان ۾ پگهريل اڇي وئزلين ٿوري ٿوري ڪري ملايو. اهڙيءَ طرح سموري وئزلين ملايو ۽ پڇاڙيءَ ۾ خوشبوءِ ملائي مرڪولائيز وئڪس Mercolized Wax جهڙين سهڻين شيشين ۾ وجهو.

هيءَ ڪريم ڏسڻ ۾ مشهور مرڪولائيزڊ وئڪس جهڙي ايندي ۽ گڻن ۾ ان کان وڌيڪ سٺي آهي.
هيءَ ڪريم نه رڳو ڪاري چمڙيءَ کي ڦٽائي ڏيري ڏيري سهڻو گورو ٿي ڪري پر منهن ۾ جيڪڏهن موهيڙا يا داڻا هوندا يا ماتا جا هلڪا سينڌرا هوندا، تن کي لاهي چمڙيءَ کي بخمل جهڙو لسو ٿي ڪري.

هيءَ ڪريم بلڪل سخت جيوڙا مار Antiseptic آهي جنهنڪري چمڙيءَ جي خرابين ۽ ڦٽن ڦرڙين کي ڀلو فائدو ڪري ٿي.

هن جي اهڙ مهل ڪنهن به قسم جي ڌاتوءَ Metal جو ڪو ٻاسڻ يا چمچو وغيره ڪتب نه آڻڻ گهرجي.

کم آڻڻ جو طريقو:- هيءَ ڪريم رات جو سمھڻ وقت مکي سمھڻ گھرجي ۽ صبح جو (ڪجھ گرم) پاڻيءَ سان منھن ڌوئي صاف ڪجي. پوءِ صابڻ پاڻيءَ سان منھن ڌوئي صاف ڪجي جئن سڻڀ لھي وڃي. پوءِ گرم پاڻيءَ ۾ توال پسائي منھن کي نرمائيءَ سان مھٽجي.

هيءَ ڪريم انڪل هڪ مھنو ساندہ ڪم آڻڻ سان چمڙيءَ جي رنگ ۽ سونھن ۾ ڪافي فرق اچي ويندو.

٣٣ - پينسل جا گورا ڪاپنگ

Pencil Leads (Copying)

جينشن وايوليٽ (تيز رنگ)	Gention Violet Concentrated	٢٠ آئونس
پلمبگو تمام سنھو پيٺل	Plumbago Powder	٤٠ آئونس
ڪوئنر ڪتيلو پيٺل	Gum Tragacanth	٢ آئونس
پاڻي	Water	گھرج آهر

مٿيون ٽيئي شيون بلڪل مٺدي جھڙيون سنھيون پيٺل هجڻ گھرجن. انھن کي بلڪل چڱيءَ طرح پاڻ ۾ ملائجي. پوءِ ٿوري ۾ ٿوري انداز پاڻيءَ سان انھن کي آلو ڪجي. جھڙي مٺدي جي سيٺن جي مشين ٿيندي آهي، اهڙي پروڊيڪ طاقت واريءَ مشين رستي، جنھن ۾ قسم يا ماپ Size جا گورا ناهڻا هجن، سي ناهجن. پوءِ انھن کي چڱيءَ طرح سڪائڻ گھرجي.

هنن گورن کي متان تلهو سخت ڪاغذ ويڙهي
سل جي روپ ۾ آڻجي. هيءَ هڪ نئين قسم جي
سل ڏسڻ ۾ ايندي ۽ ڪافي سستي تيار ٿي سگهندي
ڻ سستي اگهه ۾ وڪامي سگهندي.

ـ گلي (نير ڪپڙن جو) Ultramarine Blue

ي مٽي	Kaolin	۱۰۰ حصا
ڊا سلفيٽ	Sodium Sulphate	۷۰ حصا
ندرف	Sulphur	۸۰ حصا
ڄهن	Rosin	۱۴ حصا

مٿيون سڀ شيون پاڻ ۾ ملائي چڱيءَ طرح گهوٽيو.
هن بلڪل سنهيون مٽي جهڙيون ٿي وڃن ته پوءِ
جهن وڏي ڪوناريءَ ۾ وجهي، ڪوري يا بٺيءَ (جهڙو
شيشي پگهارڻ لاءِ ڪم ايندو آهي Muffle furnace)
جهي گرم ڪريو. جڏهن اهترو ته گهڻو گرم ٿئي
ان مان اڇي تيز روشني نڪرڻ لڳي تڏهن ان
بٺيءَ مان ٻاهر ڪڍو. ٺرڻ کان پوءِ اهو اڇي پوري
گ جو ڏسڻ ۾ ايندو جنهنکي پينهين مٽي جهڙو
بو ڪريو. ان کي پوءِ ڪنهن لوهه جي وڏيءَ ٿئي
جهي هينان سخت باهه ڏيو ۽ ٿورو انداز گندرف
جو ملائي گهوٽيو. ائين ڪرڻ سان اهو اڇو اتو
Powde) قري نيرو ٿيندو ويندو.
جڻ گهڻو انداز پيتل گندرف جو انهر ملائي پڇبو
ان پائوڊر جو رنگ ويندو گهاٽو نيرو ٿيندو.
هن ولائتي (نير) جهڙو رنگ ڏيڻ ۾ اچي تڏهن

وڌيڪ گندرف ملائڻ بند ڪريو. پڇاڙيءَ ۾ ان کي، ٺرڻ کان پوءِ، بلڪل سنهو پيهين مڻدي کان به باريڪ ڇاڻين مان ڇاڻيو.

ولائت ۾، لڳ ڀڳ مٿين اصول موجب گلي تيار ڪئي ويندي آهي جنهن لاءِ خاص قسم جي مشينري ۽ بنا يا ڪورا ڪم ايندا آهن. مٿين طريقي کان سواءِ شايد وٽن ڪي واپاري ڳجهه به آهن جي هو ظاهر نٿا ڪن. ولائت جي مقابلي ۾ سٺي قسم جي گلي تيار ڪرڻ لاءِ خاص تجربن ۽ سخت جفاڪشي ڪرڻ جو شايد ضرور پوي.

اسانجا ڪيترا پاڻ ئير گليءَ جو ڌنڌو ڪندا آهن. انهن مان ڪي ته پنهنجي گلي تيار ڪرڻ جي هام هڻندا آهن. درحقيقت انهن مان ڪو به پنهنجي گلي تيار ڪونه ٿو ڪري. هو فقط وڏي انداز ۾ Bulk quantities ۾ ولائتي گلي خريد ڪري انهن کي ننڍن دٻن ۾ پري پنهنجي نالي سان وڪڻندا آهن. ڪي پاڻ ته وري ولائتي گليءَ ۾ ملاوت ڪري سستيون شيون جهڙوڪ سوڊا مٺي (Soda Bicarb) يا سنگ جيراهه (Soap Stone) ملائي ننڍا دٻا بند ڪري وڪڻندا آهن. ڪيترا رنگ (Coal-tar dyes) پڻ ملندا آهن جن جي وسيلي اڇي مٽيءَ (China Clay) کي گليءَ جهڙو نيرو ڪري سگهبو آهي. پر سچيءَ گليءَ جي ڀيٽ ۾ هيءَ بلڪل نڪمي ٿيندي.

٣٥- فروٽ سالٽ Fruit Salt

...ٽري	Tartaric Acid	٢ آئونس
ڪريم آف ٽارٽر	Cream of Tarter	٢ آئونس
...گنيشم سائٽريٽ	Magnessium Citrate	٢ آئونس
...ب صاف پيٺل	Refined Sugar Sifted	٣ آئونس
...ڊا مٽي	Sodium Bicarbonate	٣ آئونس

سڀ شيون ڏار اس ۾ رکو ته بلڪل خشڪ ٿين.
...ء سڀ پاڻ ۾ ملائي شيشين ۾ وجهو. جهڙي نموني
...لائتي فروٽ سالٽ ڪتب آڻبو آهي ۽ جيتري نموني
...اهو ڪم آڻبو آهي، مٿين طريقي سان تيار ٿيل
...وٽ سالٽ پڻ ساڳئي انداز ۽ ساڳئي طريقي استعمال
ڪرڻ گهرجي.

٣- سڳنڌ واريون سوپاريون Scented Supari

...وپاري ۽ جو چورو سنهو		اڌ سير
...ڪرين	Saccharine	٢ ماسا
...هر قود نو	Menthol Crystals	٢ ماسا
... ٻتي رنگ ڳاڙهو	Edible Colour Red	گهرج آهر
...شڪ عمبر ڪرسٽلس	Musk Ambrette Crystals	اڌ ماسو
...وز ڪرسٽلس	Rose Crystals	١ ماسو
پاڻي	Water	ٿورو انداز

جوهر قود نو، سڪرين، روز ڪرسٽلس ۽ مشڪ
...عمبر ڪرسٽلس ڌار ڌار ڪٽي سنها ڪري سوپاري ۽

جي چوري ۾ ملايو. پوءِ ٿوري انداز پاڻيءَ ۾ شربتي ڳاڙهو رنگ ڳاري سوپاريءَ ۾ ملايو جئن سوپاري چورو سهڻي ڳاڙهي رنگ جو ٿي وڃي. اٽڪل ٽي يا چار ڪلاڪ ڇانوَ ۾ سڪايو پوءِ جليٽن پيپر يا بٽر پيپر جون ننڍڙيون پڙيون ٺاهيو جهڙيون بازار ۾ وڪامندڙ سينٽيڊ سوپاريءَ جون ٿينديون آهن. روز ڪرسٽلس ۽ مشڪ عنبر ڪرسٽلس جي بدران ٻيا ڪهڙا به وٺندڙ ايسنس ڪم آڻي سگهجن ٿا. هن سوپاريءَ جو واهپو بلڪل گهٽ آهي ۽ بچت پڻ سٺي آهي. تنهن ڪري ڪو به هي ڌنڌو ڪندو ته چڱو ڪمائي سگهندو.

٣٧- سبڻ جي مشين جو تيل

Oil for Sewing Machine

ڪوپرو (تيل) ڪچو	Cocoanut Oil (Raw)	١ حصو
اسپنڊل آئل	Spindle Oil	٤ حصا

ٻئي پاڻ ۾ ملايو. جي ڪجهه گندگي نظر اچي ته سنهي ڪپڙي مان ڇاڻڻ گهرجي. بلڪل سستو ۽ سادو تيل تيار ڪرڻو هجي ته ڪوپرو اصل نه ملائجي.

٣٨- چانديءَ چاڙهڻ جو پائوڊر

Silver-Plating Powder

سلور نائٽريٽ ڪرسٽلس	Silver Nitrate Crystals	١ آئونس
پوٽشم سيانائيڊ ٩٨ سيڪڙو	Potassium Cyanide 98%	٢ آئونس
چاڪ پريسپيٽيٽ	Chalk Precipitate	١٠ آئونس

ٽيئي شيون ڌار ڌار ڪٽي سنهيون ڪريو.

ٿين شيءِ ۾ ملايو ۽ ڪنهن رنگين شيشيءَ ۾ وجهي
چڱيءَ طرح بند ڪريو جئن اندر هوا نه وڃي
ٿهي. ٽامي، پتل، جرمن سلور يا ڪنجهي جي باسڻ
ڳهڻي ڪي چانديءَ جو ملمعو يا تهه چاڙهڻو هجي
ان ڳهڻي يا باسڻ کي پهرين چڱيءَ طرح صاف ڪجي.
ان کي ٿورو آلو ڪري مٿيون پائوڊر وجهي
ڪنهن برش يا واڻ جي مٽيءَ سان مهٽجي ته ان تي
ي چانديءَ جو سهڻو چلڪڻو پاڻي چڙهي ويندو
باسڻ سڄي چانديءَ جو ٿهيل ڏسڻ ۾ ايندو. هي
ي، ڳهه يا باسڻ کي گرم ڪرڻ سان به ڪارو نه
ندو. جيڪڏهن ٿلهو تهه چاڙهڻو هجي ته شروعات
ي گهڻو انداز پائوڊر جو ڪم آڻڻ گهرجي. جئن
ڻ تي چانديءَ جو ٿلهو تهه يا پاڻي چڙهيل هوندو تئن
جلد گسي ۽ لهي نه ويندو.

خبرداري:- پوٽئشم سيانائيڊ بلڪل خوفناڪ زهر
ي. تنهن ڪري هن کي هٿ لائڻ، چکڻ يا سنگهڻ
گهرجي. چانديءَ جو پائوڊر به جڏهن ڪم آڻڻو
ي ته ڦٽيل هٿ يا آڱريون اصل هڻڻ نه گهرجن
بهتري قدر ٿي سگهي ته باسڻ کي پائوڊر، برش
واڻ جي مٽيءَ سان مهٽڻ گهرجي ۽ باسڻ کي بن ٽن
ٿين سان ڌوئي پوءِ آخر ۾ گرم پاڻيءَ سان ڌوئي پوءِ
ر وڪم ۾ آڻڻ گهرجي.

ٻيو طريقو

سلور نائٽريٽ ڪرسٽلس	Silver Nitrate Crystals	١ آئونس
ڪريم آف ٽارٽر	Cream of Tarter	٨ آئونس
لوڻ	Sodium Chloride	٩ آئونس
چاڪ پيئنل	Chalk	۴ آئونس

سڀ شيون ڌار ڌار ڪٽي مٽِي جهڙيون سنهيون ڪريو. پوءِ پاڻ ۾ ملائي شيشين ۾ پريو.

ٽيون طريقو

سلور ڪلورائيڊ	Silver Chloride	١ آئونس
پوٽاس ڪاربونيٽ	Potassium Carbonate	۴ آئونس
لوڻ	Sodium Chloride	٢ آئونس
چاڪ	Chalk	٢ آئونس

سڀ شيون مٽِي مثل پيهين سنهيون ڪريو. پوءِ سڀ پاڻ ۾ ملائي شيشين ۾ پريو.

٣٩- چانديءَ جو ملمعو يا پاڻي چاڙهڻ جي ڪريم

سلور نائٽريٽ ڪرسٽلس	Silver Nitrate Crystals	١ آئونس
لڪئر امونيا	Liquor Ammonia	١ آئونس
سوڊيم هئپو سلفائيٽ	Sodium Hypo Sulphite	٢ آئونس
چاڪ پيئنل	Chalk Levigated	٦ آئونس
پاڻي	Water	گهرج آهر

پهريں ، پاڻيءَ کانسواءِ سڀ شيون پاڻ ۾ ملايو. پوءِ ۾ گهرج آهر پاڻي ملائي ڪريم (Paste) وانگر تيار ڪريو ۽ هوا بند شيشين ۾ پريو. هن جي ناهڻ ۾ فقط ...بشي يا پٿر جا برتڻ ڪتب آڻڻ گهرجن.

جنهن به شيءِ تي چاندي چاڙهڻي هجي اها ...ر پائين ملي چڱيءَ طرح صاف ڪجي. پوءِ ان کي ...ن ڪريم سان مهٽبو ته ان شيءِ تي سهڻو چانديءَ ...ر تهه چڙهي ويندو.

٤٠- سهاڳ جو تلڪ

...ڙهو رنگ ڪنهبو	Scarlet Red 4-R	اڌ آئونس
...ِ ئنر ببر جو پيٺل	Gum Acacia Powder	هڪ سير
...گر آف ليڊ	Sugar of Lead	اڌ آئونس
...ڻي	Water	٦٠ آئونس

...ٿهڪندڙ پاڻيءَ ۾ سڀ شيون چڱيءَ طرح ڳاريو. هي ...اڪ اصل خراب نه ٿيندو.

٤١- وارن لاهڻ جو صابڻ Depilatory Soap

...بيريم سلفائيڊ	Barium Sulphide	١ آئونس
...چيني مٽي	China Clay	٣ آئونس
...صابڻ پيٺل	Soap Powder	١ آئونس
...اڻي	Water	گهرج آهر

پهريون ٽي شيون پاڻ ۾ ملائي پوءِ گهٽ ۾ گهٽ ...پاڻيءَ سان انهن کي تورو گهميل ڪريو ۽ ڪاربن ۾ ...و جهي ڍ باور ستي چڪيون ناهي پڪدم سگريٽن

واري پنيءَ ۾ بند ڪري ٿڌيءَ جاءِ ۾ رکو. هي صابڻ بيڪار وارن کي لاهڻ لاءِ بلڪل ڪارائتو آهي. جي هنجي اٽو نڊڙ پائنس کي لڳائڻو هجي ته ان ۾ ۳۰ ڦڙا بينزلڊيهائيڊ (Benzal Dehyde) جا به شروعات ۾ ملائجن.

۴۳- مس جا اکر ڦٽائڻ Ink Eradicator

بليچنگ پائوڊر	Lime Chloride	۲ آئونس
ائسڊ سائٽرڪ	Acid Citric	اڌ آئونس
پاڻي ٿڌو	Water	۴ آئونس

سڀ شيون پاڻ ۾ ملائي ڪجهه وقت ڇڏي ڏيو. آنريل پاڻيءَ جهڙي صاف دوا، هوا بند شيشين ۾ وجهي رکو. هيءَ پاڻيٺ بلو بليڪ مس، ۽ رڪارڊ پرمننٽ مس ڪانسواءِ ٻين مسن کي ڦٽائيندڙ آهي. گهٽي وقت رکڻ سان سندس ڪجهه اثر نڪري ويندو آهي تنهن ڪري تازي ناهي ڪتب آڻڻ بهتر آهي.

ٻيو طريقو

سوڍا ڪار	Soda Ash	۲ آئونس
بليچنگ پائوڊر	Bleaching Powder	۱ آئونس
پاڻي	Water	۸ آئونس

شيشي ۾ هي سڀ ملائي ٻوچ بند ڪري رکو. ٻن ڏينهن کان پوءِ مٿان ترندڙ صاف پاڻي آنرائي ٻيءَ ڪنهن صاف شيشيءَ ۾ وجهو. هيءُ پاڻي مس جا اکر ڦٽائي سگهندو. جيڪو اچو ڪير جهڙو ڦوڳ، پهرينءَ شيشيءَ ۾ بچندو سو بيڪار آهي ۽ اڇلائي ڇڏڻ گهرجي.

۴۳- ڳجهي مس Invisible Ink

نوشادر قلعي گرن وارو Ammonium Chloride ۳۰ گربن
پاڻي Water ۱ آئونس

پاڻيءَ ملايو. هن مس جا لکيل اکر پنيءَ تي نه سڪڻ
نه ايندا. پر اهو ڪاغذ اگرن جي سگريءَ مٿان
جهلبو ته لکيل اکر ظاهر ٿيندا.

۴۴- شيشي تي آرسي ٺاهڻ Silvering Mirror

اڪثر ڪري ائين سمجهيو ويندو آهي ته آرسي
ٺاهڻ لاءِ ڪاچ يا شيشي تي پارو يا قلعيءَ جو تهه
چاڙهيو ويندو آهي پر ائين نه آهي. شيشي تي سچي
چانديءَ جو بلڪل باريڪ تهه چاڙهڻ سان ئي آرسي
(آئينو) تيار ٿئي ٿو. اڳئين زماني ۾ برابر قلعيءَ جي
سنهن ورقن ۽ پاري سان آرسي تيار ڪندا هئا پر
اهو طريقو خاطريءَ وارو نه هو. آرسي به اهڙي مزي
جي نه ٿيندي هئي جهڙي هينئر جا ٺاهيل رستي تيار
ٿي سگهندي.

آرسي ٺاهڻ لاءِ گهربل سامان

۱. شيشو جنهن تي آرسي چاڙهڻي هجي.

۲. هڪ چورس صندلي جنهن جي پاون ۾ اسڪرو
(Screw) لڳل هجن انهيءَ لاءِ ته صندليءَ جي ڪنهن
پاسي کي پنهنجي مرضيءَ موجب هينئن مٿي ڪري
سنئون (Level) ۾ بيهاري سگهجي.

۳. سنوت وارا جو اوزار ڇهڙو رازا فرش ناهڻ وقت
ڪتب آڻيندا آهن.

۴. ماپ ڪرڻ جا شيشي جا گلاس به ننگ
(Measuring Glasses).

۵. شيشي جون بوتلون جن کي ربڙ يا ڪاچ جا
بوچ يا ڍڪ هجن، ننگ به.

۶. ڪاچ جي ڪيف يا ڪمي.

۷. ڪاچ جي سرائي.

۸. فلٽر پيپر (Filter Paper).

۹. ولائتي اڇو چاڪ، تورو انداز(Chalk Levigated).

آرسي ناهڻ لاءِ گهربل دوائون

۱. سلور نائٽريٽ ڪرسٽلس (نج)
Silver Nitrate Crystals (Pure)

۲. لڪئر امونيا فارٽس Liq: Ammonia Fortis

۳. ڊسٽلڊ واٽر (چڪايل پاڻي) Distilled Water

۴. فارمل ڊي هائيڊ ۴۰ في سيڪڙو سوليوشن
Formal Dehyde 40% Solution

آرسي ناهڻ جو طريقو

آرسيءَ ناهڻ لاءِ به سوليوشنس (Solutions) تيار
ڪرڻيون آهن.

سوليوشن نمبر پهريون تيار ڪرڻ

پهرين سلور نائٽريٽ ڪرسٽلس ۹ گرين، ڊسٽلڊ
واٽر ۲ آئونس (چڪايل پاڻي) ۾ ڳار يو. ان ۾ لڪئر

ـمونيا فارنس، هڪ هڪ ڦڙو ڪري وجھندا وڃو.
سڻ ۾ ايندو ته صاف پاڻيءَ جھڙي سوليوشن، امونيا
جهڻ سان ڪير وانگر ٿي پيئي آهي جا پڻ آخر ۾
ري جڏهن هڪ هڪ ڦڙو امونيا جو وجھبو وڃبو ته
ري صاف پاڻيءَ جھڙي ٿي پوندي. ان جو رنگ
سان ڪي ڪجھه ميرو ڪارسرو ڏسڻ ۾ ايندو، جنهن
ٽي شيشي جي ڪيف يا ڪميءَ ۾ فلٽر پيپر وجھي ان
سان ڇاڻي صاف ڪرڻو آهي.

سوليوشن نمبر ٻيو تيار ڪرڻ

۲ آئونس ڊسٽلڊ واٽر (چڪايل پاڻيءَ) ۾ فارمل
ڊي هائيڊ جا ٦٠ ڦڙا ملايو. جيڪڏهن ٿورو ئي
ميرسرو ڏسڻ ۾ اچي ته هن کي به پهرين سوليوشن
وانگر فلٽر پيپر رستي ڇاڻي صاف ڪريو. هي سوليوشن
نمبر ٻيو آهي.

جنهن شيشي تي آرسي چاڙهڻي آهي ان کي پهرين
پاڻيءَ سان ڌوئي صاف ڪريو. ان کي وري ليويگيٽيڊ
(بلڪل سنهي) چاڪ سان خوب مليو جڏهن سٽي يا
مٽيءَ جا ذرڙا لهي وڃن ۽ شيشو پڻ پالش ٿيل ۽
چلڪڻو ڏسڻ ۾ ايندو. هن شيشي کي صندليءَ مٿان
رکو جنهن کي اڳ ئي سنوت (Level) ۾ ٺاهي رکيو ويو آهي.
ٻن ماپ گلاسن (Measuring Glasses) ۾ ڌار ڌار،
مٿي ذڪر ڪيل سوليوشن نمبر پهريون ۽ ٻيو، گھربل
انداز، ٻئي هڪ جيترا کڻو. ٻنهي گلاسن وارين

سوليوشنس پاڻ ۾ ملائي، يڪدم صندليءَ تي رڱيل شيشي مٿان وجهو. اڌ ڪلاڪ ڪن ڪانپوءِ شيشي تي آرسي چڙهيل نظر ايندي. اِن شيشي کي بن ڏينهن ڪان پوءِ تڏي پاڻيءَ سان ڌوئڻو آهي ۽ سڪڻ کان پوءِ ان تي بچاو خاطر سندور ۽ وارنش ملائي نرم برش سان رنگ هڻڻو آهي.

۴۵- منهن جو پائوڊر Face Powder

چاڪ پريسپٽيٽ	Chalk Preciptate	۱ رتل
مئگنيشم ڪاربونيٽ	Magnessium Carbonate	۱ رتل
سنگ جيراھ تمام سنهو	Talcum Powder (0000)	۴ رتل

خوشبوءِ وٺڻ جهڙو ڪ:-

آئل اسينس موگرو	۱۰ حصا		
آئل اسينس جئسمن	۱ حصو		ڍُهرج آهر
آئل اسينس چامپيا	۳ حصا		

پهرين، سڀ پائوڊر جهڙيون شيون پاڻ ۾ ملايو پوءِ ان مان ٿوري پائوڊر ۾ گهربل اندازڙ ۾ خوشبوءِ ملايو. اهو خوشبوءِ مليل پائوڊر وري سموري پائوڊر ۾ ملائي سهڻن ڏبن ۾ ڀريو.

ٻيو طريقو

سنگ جيراھ پيٺل	Talcum-Powder	۱ سير
زڪ آڪسائيڊ	Zinc Oxide	۱ آئونس
بورڪ پائوڊر	Acid Boric	۲ آئونس
خوشبوءِ وٺندڙ	Perfume	گهرج آهر

هي سڀ پاڻ ۾ ملايو ۽ سهڻين ڏٻلين ۾ ڀريو.

نيون طريقو

ڳ جيراه پينل	Talcum Powder	١ سير
اسينس جئسمن	Oil Essence Jasmine	اڌ تولو

هي سڀ پاڻ ۾ ملايو. جئسمن کانسواءِ ٻي ڪهڙي به خوشبوءِ مرضيءَ موجب وجهي سگهجي ٿي.

۴۶- ڪوڪونٽ هير آئل (ٽامڪو جهڙو)

Cocoanut Hair Oil (Tomco type)

يل جو تيل (ڪوچين وارو)	Cocoanut Oil (Cochin)	١٠٠ حصا
بنزائيل بينزوئيٽ	Benzyle Benzoate	اڌ حصو
شبوءِ مرضيءَ موجب	Required Perfume	گهرج آهر

سڀ شيون پاڻ ۾ ملايو. بينزائيل بينزوئيٽ جنهن به ل ۾ ملائبو ته اهو تيل ڪيترو به وقت رکڻ سان خراب ٿيندو ۽ رنگ يا صورت نه بدليندو.

مٺين تيل لاءِ خوشبوءِ

گلاب:- آئل اسينس روز Oil Essence Rose ۴ حصا، آئل روز جيرينيم Oil Rose Gerinium هڪ حصو. هي ٻئي پاڻ ۾ ملايو ۽ مٺي جاٽايل تيل ۾ گهرج آهر ملايو.

جئسمن:- آئل اسينس جئسمن Oil Essence Jasmine ۱ حصا، آئل اسينس موگرو Oil Essence Mogra هڪ حصو ۽ آئل نيرولي Oil Neroli اڌ حصو. سڀ پاڻ ۾ ملائي مٺي جاٽايل تيل ۾ گهرج آهر ملايو.

۴٦- چٽڪائي تيليون (آتش بازي) Sparklers

بيريم نائٽريٽ	Barium Nitrate	١١ حصا
لوھ جو بورو ڌلھو	Iron Filings	٥ حصا
ائليومينم پائوڊر	Aluminum Powder	١ حصو
ڊيڪسٽرين	Dextrine	۴٠ حصا
پاڻي ٿڌو		گھرج آھر

ٿڌو پاڻيءَ ۾ سڀ شيون ملائي رٻڙيءَ وانگر تيار ڪريو. لوھ يا پتل جون سنھيون تارون يا شيخون ھڪ ڇيڏيون ڪپي، ھڪ ھڪ تار کي؛ تار جو فقط ٣ پاڱي چار حصو ھن رٻڙيءَ ۾ ٻوڙي اس ۾ سڪڻ رکو. جڏھن بلڪل سڪي وڃي ته ان کي ٻيھر ساڳيءَ رٻڙيءَ ۾ ٻوڙي سڪائڻ گھرجي. اھڙي طرح ٽي يا چار ڀيرا ان ساڳيءَ تار کي ان مصالح ۾ ٻوڙي سڪائڻ سان تار تي چگو تھ چڙھي ويندو ۽ سٺيون چٽڪائي تيليون تيار ٿي وينديون.

۴٨- وار سونھري ڪرڻ Hair Bleach (Golden)

ھئڊروجن پرآڪسائيڊ ٣ سيڪڙو	Hydrogen Peroxide 3%	١ حصو
گلاب جو پاڻي	Water Roes	٢ حصا

ٻئي پاڻ ۾ ملائي سھڻين شيشين ۾ وجھي رکو. پھرين صابڻ سان وار ڌوئي سٺيءَ چڱيءَ طرح لاھڻ گھرجي ۽ پوءِ وارن کي مکڻ گھرجي. ائين ڪرڻ سان ٿورن ڏينھن ۾ وار بدلجي سونھري ٿي پوندا.

٤٩- اموٽي تيل Amoti Oil

(خارش، ڪجهلي، ڦٽن، ڦرڙن ۽ ٻين چمڙيءَ جي
مارين لاءِ).

نيئيٽڊ مرڪيوري	Ammoniated Mercury	١ آئونس
مٿ سئليسئليٽ	Bismuth Salicylate	١ آئونس
لفر پريسيپٽيٽ	Sulphur Precipitate	٢ آئونس
لفا نيلمائيڊ پينل	Sulphanilamide Powd.	١ آئونس
ڪ آڪسائيڊ	Zinc Oxide	١ آئونس
نزائيل بينزوئيٽ	Benzyl Benzoate	٨ آئونس
نزائيل اسيٽيٽ	Benzyl Acetate	٢ آئونس
چو ڪوپرو (سچو)	Cocoanut Oil (pure)	٣٢ آئونس
رنڊي جو تيل ڪچو	Castor Oil Crude	١٦ آئونس
ابڻ پينل (لڪس)	Soap Powder	١ آئونس
اڻي	Water	١٦ آئونس

پاڻي ٿورو گرم ڪري ان ۾ پينل صابڻ ڳاريو.
هو صابڻ جو پاڻي، ڪوپرو ۽ ايرنڊي جو تيل پاڻ ۾
لائي، ان ۾ وڏي چمچي سان ڪجھ وقت گھمايو.
ئين ڪرڻ سان رٻڙي (نرم ڪريم) تيار ٿي پوندي.
ن ۾ باقي رهيل سڀ دوائون ملايو جي سدائين ان ۾
ليل رهنديون ۽ ڪڏهين به ترو نه ونديون.

هي اموٽي تيل، خارش، ڪجهلي ۽ ٻين چمڙيءَ جي
بيمارين ۾ ڪم آڻڻ سان جلدي فائدو ڪري ٿو. هي

بدن کي مکڻ يا مالش ڪرڻ گھرجي ۽ ڇاڪاڻ تہ ھن ۾ ڪي زھري دوائون مليل آھن تنھنڪري وات يا ڇپن کي ھي اصل لڳڻ بہ نہ گھرجي ۰

۵۰- ڪپڙن ڌوئڻ جو صابڻ Washing Soap

(الف — A)

۱۴۰ رتل	Til-Seed Oil	ترن جو تيل
۹۰ رتل	Tallow	چربي
۱۲۰ رتل	Ceylon Cocoanut Oil	ڪوپرو سلون جو
۹۰ رتل	Rosin Yellow (Pure)	رانجھن (اوچو)
		سوڊا ڪاسٽڪ جو ڳارو [۴۰ ڊگريون]
۲۸۵ رتل	Soda Caustic (Lye 40°Tw]	

[ب — B]

۱۵ رتل	Cocoanut Oil Ceylon	ڪوپرو سلون جو
		سوڊا ڪاسٽڪ ڳارو [۹۰ ڊگريون]
۵ رتل	Caustic Soda [Lye 60° TW]	

صابڻ جي وڏي ٽٽي ۾ رانجھن، ترن جو تيل، چربي ۽ ڪوپرو ملائي، انھن کي باھ تي پگھاريو ۽ انھ سوڊا ڪاسٽڪ لائي [۴۰ ڊگريون] ٿوري ٿوري ڪري ملايو ۽ گھمائيندا رھو، جڏھن سڀ ڪاسٽڪ لائي تيلن سان ملي وڃي تہ ان کي اٽڪل ۳ ڪلاڪ ڪن ڇڏيو تہ پلي ٺھڪندو رھي۰ پوءِ ان ۾ ڪجھ لوڻ [عام سمنڊ جو] اٽڪل ڏھ رتل وجھي گھمايو۰ ائين ڪرڻ

ان ڏسندا ته صابڻ (قتل ڪير وانگر پاڻي جدا ٿي ڪير
ڏا) ڦاٽي پوندو ۽ صابڻ پاڻيءَ کان جدا، مٿي ترندو
سڻ ۾ ايندو. پوءِ باهه وسائي ان ٿانوَ کي اُٽڪل
ڏينهن ڇڏي ڏيو. ائين ڪرڻ سان سمورو صابڻ
ٿان تري ۾ هوندو ۽ لوڻ وارو پاڻي سڀ ٿانوَ جي
ي ۾ رهندو. اهو سڀ لوڻ وارو پاڻي ان صابڻ
ن جدا ڪريو. پوءِ ان ٿانوَ هيٺان باهه ٻاري ان
ڪوپرو ۽ سوڊا ڪاسٽڪ جي لائي ٦٠ ڊگريون جيڪي
ب - B) هيٺان ڄاڻايل آهن، اهي ملائي چڱيءَ طرح
همايو ته جئن پورين صابڻ ۾ ڪوپرو ۽ سوڊا ڪاسٽڪ
لي هڪ ٿي وڃن ۽ سمورو صابڻ اسي ٠ ٻڙيءَ وانگر
سڻ ۾ اچي.

جيڪڏهن ان صابڻ جي خوشبوءِ ٻه سن لائيٽ
صابڻ جهڙي ڪرڻي هجي ته مٿي ڄاڻايل ر ٻڙيءَ ۾ هڪ
تل اوڇو آئل سٽرونيلا (Oil Citronella) ملايو ۽ پوءِ
هي صابڻ جي فريمن (Frames) ۾ وجهو. ٽن ڏينهن
ن پوءِ صابڻ جمي سخت ٿي پوندو جنهن کي مرضيءَ
وجب ڪپي لنبيون يا چڪيون ناهيو.

ٻيو طريقو

چربي	Tallow	٦٠ حصا
ڪوپرو اوڇو	Best Cocoanut Oil	٤٠ حصا
رانجهن صاف	Pale Rosin	٢٠ حصا
ڪاسٽڪ سوڊا ٩٨	Caustic Soda	٢٥ حصا

آئل سٽرونيلا . Oil Citronella اڌ حصو
پاڻي Water ۱۰۰ حصا

جنهن ڏينهن صابڻ تيار ڪرڻو هجي ان کان هڪ ڏينهن اڳ پاڻيءَ ۾ سوڊا ڪاسٽڪ ڳاري رکي ڇڏجي. ٻئي ڏينهن وڏي ٿانءَ ۾ چربي، کوپرو ۽ رانجهن وجهي هلڪيءَ باهه تي پگهارجي. جڏهن سڀ تيل وانگر ٿي وڃن ته ان ۾ ٿورو ٿورو سوڊا ڪاسٽڪ وارو ڳارو (هڪ ڏينهن اڳ تيار ڪيل) ملائي گهوٽيندو رهجي جڏهين سڀ ڪاسٽڪ ملي وڃي ته پوءِ گهوٽڻ بند ڪجي ۽ اٽڪل هڪ ڪلاڪ کن ان هيٺان باهه ٻرندي.

هڪ ڪلاڪ کانپوءِ ان ۾ سوڊا ڪاسٽڪ ويهه حصا ۽ پاڻي ۱۰۰ حصا پاڻ ۾ ملائي اهو ٿورو ڳارو ان ٿانءَ ۾ وجهو. ائين ڪرڻ سان صابڻ ڦاٽي پوندو ۽ صابڻ جون ڦٽيون سوڊا ڪاسٽڪ جي ڳاري مٿان ترنديون نظر اينديون. ٿانءَ هيٺان باهه وسايو ۽ هڪ ڏينهن ڇڏي ڏيو.

ان ٿانءَ ۾ مٿان ترندڙ صابڻ خبرداريءَ سان ڪڍي هڪ ٻيءَ ٿانءَ ۾ وجهو. ان ۾ ڏهه حصا کوپرو (وڏيڪ) به ملايو ۽ ٿانءَ کي باهه تي رکي چڱيءَ طرح گهمايو جڏهن لسي رٻڙيءَ وانگر ٿي وڃي ته ان کي باهه تان هيٺ لاهي ان ۾ آئل سٽرونيلا ملائي فريم

وڃهو ۽ اُن ڌ ينهن کان پوءِ صابڻ فريمن کان جدا
ڪري، لنيون يا چڪيون تيار ڪريو.
هن صابڻ تيار ڪرڻ ۾ جيڪو سوڊا ڪاسٽڪ جو
رو ٻچندو آهي ان ۾ وري ٻي سوڊا ڪاسٽڪ ملائي،
ھنجي مرضيءَ موجب ٻگوي ٻيهاري وري ٻئي صابڻ
ھڻ ۾ ڪتب اچي سگهندي آهي. صابڻ ناهڻ جي
ن طريقي سان سوڊا ڪاسٽڪ جي ٻچيل ڳاري ۾
سرين Glycerine مليل هوندي آهي جا ان کان
دا ڪري ۽ ڪتب آڻي سگهجيتي يا وڪرو ڪري
گهجي ٿي. اهو گليسرين جدا ڪرڻ جو رستو ٻئي
ڳي ۾ ڏنو ويندو.

۵۱- سيل مهر جي لاک Sealing Wax

ک چپڙو	Shellac	۷ حصا
انجهن	Rosin	۱۵ حصا
ک پينل ولائتي	Chalk Levigated	۶ حصا
يءَ جو رنگ ڳاڙهو	Pigment Colour Red	۱ حصو
نگ جيراھ پينل	French Chalk	۳ حصا
بين جو تيل	Oil Turpentine	اڌ حصو

ڪوئلن جي هلڪي باھ تي لوھ جي تئيءَ ۾ پهرين
ک چپڙو پگهاريو. ان ۾ پوءِ رانجهن ٽڪرا ٽڪرا ڪري
وهو. جڏھن اهو پگهرجي وڃي تہ پوءِ باقي رهيل
يون تاربين جي تيل کانسواءِ ان ۾ ملائي چڱيءَ طرح
ايو جٿن سڀ چڱيءَ طرح گڏ جي وڃن. پچاڙيءَ ۾

تار پين جو تيل چڱيءَ طرح ملائي سانچن يا فريمن ۾ وجهو سانچن کي پهرين تورو وائيٽ آئل مکي سٽيو ڪرڻ گهرجي. هيءُ هڪ چڱي لاڪ وارو ڊنڊو آهي.

ٻيو طريقو

لاک چپڙو	Shellac	۵. آئونس
رانجهن	Rosin	۲۵ آئونس
چاڪ پينڊل	Chalk	۱۳ آئونس
سنگ جيراهه پينڊل	French Chalk	۲۴ آئونس
مٽيءَ جو رنگ ڳاڙهو	Red Pigment	۲۴ آئونس
تار پين جو تيل	Oil Turpentine	۲۰ آئونس

پهرين لاڪ ۽ رانجهن پگهاريو. ان ۾ تار پين جو تيل ملايو. پوءِ ٻيون شيون ملائي ڪاربن ۾ وجهي لنبيون ناهيو.

۵۳- دستاويز لکڻ لاءِ پڪي مس

Permanent Record Ink

(A — الف)

ڪاپر ڪلورائيڊ	Copper Chloride	۴ آئونس
لوڻ	Sodium Chloride	۵ آئونس
نوشادر ڪچو	Ammonium Chloride	۲ آئونس
پاڻي	Water	۵۰ آئونس

(B — ب)

انلين هيڊرو ڪلورائيڊ	Aniline Hydrochloride	۱۰ آئونس
گوندر ٻير جو	Gum Arabic	۴ آئونس

سرين	Glycerine	٥ آئونس
پاڻي	Water	٢٥٠ آئونس

(الف-A) ۾ سڀ جا ٽاميل شيون پاڻ ۾ ملائي ڪنهن به صاف شيشي ۾ وجهو.

ساڳيءَ طرح وري (ب-B) واريون شيون پاڻ ۾ ملائي جدا شيشي ۾ وجهو.

هڪ ڪاري بوتل يا شيشو کڻو. ان ۾ (الف-A) جو هڪ حصو ۽ (ب-B) جا چار حصا ملايو.

هيءَ بلڪل پڪي مس آهي ۽ هن جا لکيل اکر ڪڏهين به نه ڦٽندا. دنيا ۾ اهڙي ڪا به شيءِ نه آهي جا هنکي ڦٽائي سگهي. ڪپڙي تي هن جو داغ جيڪڏهن پي پوندو ته اهو اصل نه لهندو. لنهن ڪري ڌوٻين جي ڪاري مس جو به هيءَ مس چڱو ڪم ڏيندي.

٣٨- ڪريم ٽافي Milk Toffee

کنڊ اڇي داڻي واري	Sugar Refined	ڏهه سير
کنڊ ڳاڙهي صاف	Brown Sugar	ڏهه سير
گلوڪوس پاڻياٺو	Glucose Liquid	اڍائي سير
کير جو پائوڊر	Milk Powder	اڍائي سير
ٽارٽري	Tartaric Acid	١ آئونس
ونلين نج	Vanilin Pure	١ ياگي ١٦ آئونس
پاڻي	Water	اٽڪل ٻه سير

قلعي ٿيل وڏيءَ ٽڪيءَ ۾ کنڊ جا ٻئي قسم، گلوڪوس ۽ ٽارٽري ملائي، پاڻي وجهي پگهاريو. چاش جڏهن

ان جي گرميءَ جو درجو ۳۱۰ ڊگريون فھرنائيٽ
ڏسڻ ۾ اچي تڏھن ان کي ڪنھن لوھ جي وڏي ٿالھہ،
جنھن کي سطح مکيل ھجي، ان ۾ لاھي وجھو. جڏھن
ايترو ٿڌو ٿي وڃي جو ان کي ھٿ لڳائي سگھجي تڏھن
انھيءَ ٿالھ مان اھا ڪڍي ان ۾ کير جو سڪل پائوڊر ملائي
انھي وانگر ڳوھجي. جي ضرورت پوي ته پوءِ ھن کي
وڏن ڪاٺ جي دستن يا مھرين سان ڪٽجي جنن کير
جو پائوڊر، ان ۾ چڱيءَ طرح ملي وڃي ۽ کير جا ذرڙا
ڏسڻ ۾ نه اچن. ھن کي پوءِ ويلي مرضيءَ جيترا ٽڪرا
ڪپجن. جن کي بٽر پيپر (Butter Paper) ۾ ويڙھي ھوا
بند ڊبن ۾ وجھي رکڻ گھرجي.

ٽافي ٺاھڻ بابت سمجھاڻي

۱. ٽافيءَ جي چاش سڃاڻڻ جو رستو:- ڪيترا
ڪاريگر ٽافي ٺاھڻ وقت ٿرماميٽر ڪم نه آڻيندا آھن.
اھي جنھن رستي چاش سڃاڻندا آھن سو ھيءُ آھي.
ٿڌي پاڻيءَ جي ٿسريءَ ۾ ڪجھ ڦڙا کنڊ جي چاش جا
وجھو. چاش يڪدم ڄمي سخت پٿر جھڙي ٿي پوي
ته چاش پڪي ۽ ٽافيءَ جي ڪم جي آھي ۽ جيڪڏھن
ڪجھ نرم ٿئي ته ائين سمجھڻ گھرجي ته اڃا ڪچي
آھي. پڪيءَ چاش کي ٿوروئي وڌيڪ گرم ڪبو ته ان
مان سڙندڙ کنڊ جي بانس نڪرندي ۽ اھا چاش سڄي
بيڪار ٿي پوندي.

٢. چاش کي بورچڻ کان بچائڻ جو رستو:- هن
ءِ، کنڊ سان گڏ ڪجهه گلوڪوس ملائبو ته چاش
ر سان بوربي. ڪي دوائون جهڙوڪ:- ١. ٽنٽڪي
. ٽارٽري، ٣. ڪريم آف ٽارٽر، انهن مان ڪابه
ري انداز ۾ چاش ۾ ملائبي ته به چاش نه بوراي.
٣. ونلن ڪم آڻڻ جو ضرور:- ونلن (Vanilin)
ڪ خوشبوءِ واري شيءِ آهي جنهن جي خوشبوءِ
اڪليٽ جهڙي ونڊڙ ٿيندي آهي جنهن ڪري
في ۾ ملائبي آهي. هيءَ ڪير جي پائوڊر سان
لائي پوءِ اهو پائوڊر ذڪر ڪيل نموني چاش سان
لائڻ گهرجي.

٤٥- جوئن مارڻ لاءِ وارن جو سرهو تيل

ـيل بوهيمگن جو	Refined Groundnut Oil	١ رتل
ـڊراجري اوليئيٽ ڏهه سيڪڙو	Hydragery Oleate 10%	١ آئونس
خوشبوءِ	Perfume	١٠ ڦڙا

هي سڀ پاڻ ۾ ملائي سهڻين شيشين ۾ وجهو. هن
ئي مکڻ سان نه فقط وارن ۾ جوئون مري وينديون
ر مٿي ۾ ڦٽ ڦرڙ يون هوندا ته اهي به لهي ويندا. هن
يل سان لڳل هٿ سونن زيورن کي نه لڳائڻ گهرجن ڇو
هو زيورن تي پارو چڙهي ويندو ۽ زيور ڪمزور ٿي
ـلد ڀڃي پوندا.

٥٥- وارن ڪارن ڪرڻ جو خضاب
Hair Dye (Black)

گليسرائيل مونو سٽيئريٽ
Glyceryl Monostearate ١ حصو
پيرا فنائيلن ڊايامن
Para-Phenylene Diamine ٥ حصا

هي ٻئي پاڻ ۾ ملائي نيري رنگ جي شيشين ۾ وجهي رکو. ڪم آڻڻ مهل هن مان ٿورو ضرورت آهر ڪڍو ۽ ان ۾ ڪجهه پاڻي ملائي وارن کي مکيو. هڪ ڪلاڪ کن ڪانپوءِ وار ڌوئي تيل مکيو.

ٻيو طريقو

ڦٽڪي ڦلاريل Alum Anhydrous ٥ حصا
پيرافنائيلن ڊايامن Para-Phenylene-Diamine ١ حصو

هي ٻئي پاڻ ۾ ملائي پڙيون ناهي رکو. ڪم آڻڻ وقت ان ۾ ضرورت آهر پاڻي ملائي وارن کي مکيو. پوءِ ٻه ٽي ڀيرا ٻه ٽي ڪلاڪ پوءِ وار صابڻ سان ڌوئي سڪڻ لاءِ ڇڏجي ۽ پوءِ هي خضاب مکڻ گهرجي.

ٽيون طريقو

پارافنائيلن ڊايامن Para-Phenylene-Diamine ١ حصو
سائٽرڪ ائسڊ Citric Acid ٦ حصا

هي ٻئي ملائي پنهنجي مرضي موجب ٿوري ٿور واريون پڙيون ناهي لفافن ۾ بند ڪريو. هيءُ خضاب مشهور جرمنيءَ ڪان ايندڙ خضاب وانگر ڪم ڏيندو ۽ چڱي ڪمائيءَ وارو آهي.

٥٦- آفيس ۽ گهر لاءِ ڇاپخانو

Hectograph Apparatus

...ي سرس صاف	Fish Glue	۴ آئونس
...سرن نج	Glycerine	١٥ آئونس
...ڪ آڪسائيڊ	Zinc Oxide	اڌ آئونس
...ي	Water	١٢ آئونس

سرس پچي ننڍا ننڍا ٽڪر ڪريو. اهو ٿڌي پاڻيءَ اٽڪل ٽي ڪلاڪ پسائي رکو. سڀ پاڻي، سرس جا ڪرا چوسي ڦندي وڏا ٿي پوندا. اهو سرس وارو برتن ءَ هڪ وڏي سيري، جنهن ۾ ڪجهه پاڻي پيل هجي ان، مٿان رکوءَ پاڻيءَ واري سيريءَ هيٺان تيز باهه باريو. ريءَ وارو پاڻي جڏهن ٽهڪڻ لڳندو تڏهن انهيءَ جي ـ ٽي پهرئين باسڻ ۾ پيل سرس پگهرجي ڪوئنو وانگر پوندو. ان ۾ گليسرن ملايو جنهن ۾ زنڪ آڪسائيڊ ۾ ئي ملايل هجي. پگهريل سرس ۾ گليسرين ۾ مليل ڪ آڪسائيڊ ملائي، ڪنهن چمچي سان چڱيءَ طرح لايو جئن زنڪ آڪسائيڊ ۽ گليسرن سرس ۾ پوريءَ ت ملي هڪ ٿي وڃن ۽ سرس جو رنگ کير جهڙو اڇو وڃي. انهيءَ پگهريل سرس کي چورس فريم ۾ لاهي هو. اهو فريم ڪنهن سنوت واريءَ جاءِ تي رکو ته ٺري. ڪانپوءِ، سرس جمي ربڙ جهڙو لچڪڻو نظر ايندو، جنهن مٿاچري کي گهٽو زور ڏيئي خراب يا ڪڏون کبا ڪرڻ گهرجي. جئن اهو مٿاچرو سنوت (Level) ۾ ۽ لسو

هوندو لڳن وقت ڪارائتو ٿيندو.

ڪم آڻڻ جو طريقو:- ڪنهن به ٿلهي ڪاغذ تي خاص مس (Hectograph Ink) جنهن جي ٺاهڻ جو رستو اڳتي ڏنو ويو آهي، ان سان ڪجهه به لکو يا ڊزائين چاپيو. ان ڪاغذ تي جڏهن اهي لکيل اکر چڱيءَ طرح سڪي وڃن ته پوءِ ان ڪاغذ جو اکر لکيل پاسو، ان ربڙ جهڙي ٿهيل سرس جي مٿاڇري مٿان رکو ۽ ان مٿان ڪنهن ويلڻ (Roller) سان ٿوري زور سان گهمايو ۽ اٽڪل ٻه ٽي منٽ ڇڏي ڏيو. ائين ڪرڻ سان ان ڪاغذ تي لکيل اکرن واري مس اهو ربڙ جهڙو سرس چهي وٺندو. پوءِ اهو ٿلهو پنو سرس تان لاهي وٺو.

جنهن به پني تي اهي اکر ڇپڻا هجن سو ڪاغذ هن سرس جي مٿان رکي ٿوري زور سان ويلڻ (Roller) گهمايو ۽ پوءِ ڪجهه خبرداريءَ سان اهو پنو سرس تان لاهي وٺو. هن پني تي ساڳيا اکر ڇپيل نظر ايندا. اهڙيءَ طرح اٽڪل هڪ سو کن ڪاپيون ان سرس تان ڇپي سگهبيون. پهريون ڪاپيون پوين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ تيز ۽ چٽيون ٿينديون آهن. ان سرس تان جي ٻيهر ڪجهه ڇاپڻو هجي ته پهريان لکيل اکر، ڪپڙو پسائي ان سان بلڪل نرميءَ سان ميساري ڇڏجن ۽ پوءِ ٻيو پنو جنهن تي به ساڳيءَ خاص (Hectograph) مس سان لکي، مٿي ڄاڻايل طريقي موجب ٻيون هڪ سو کن ڪاپيون ڇاپجن.

هي گهرو ڇاپخانو، جيڪڏهن خبرداريءَ سان هلائبو

ڪافي عرصي لاءِ سنو ڪم ڏيندو. پر جي بيپرواھيءَ
ٿي ڪنھن سبب ھن جي مٿاڇري ۾ لھيون چاڙھيون
وڃن ته ان کي فريم کان جدا ڪري ننڍا ننڍا ٽڪر
ري ڪنھن به صاف برتڻ ۾ وجھي، باقي تي پگھاري
ي ساڳئي اصلوڪي چوڪاٺ يا (Frame) فريم ۾
ھي ٺاري رکجي. جمي وڃڻ کانپوءِ ھي وري ساڳئي
ن جھڙو ڪم ڏيندو.

ھي ڇاپخانو پٽنچاتن، اسڪولن، ننڍين سنسٿائن يا
رين لاءِ بلڪل ڪارائتو آھي ڇوجو ھوانھيءَ ڇاپخاني
، وسيلي سرڪيولر، امتحاني سوالن جا پيپر، پٽنچاتن
نھراو، نينڊ پترءِ ٻيا انيڪ قسمن جا فارم يا نقشا ڇاپي
کي گھٽي خرچ يا تڪليف کان بچائي سگھن ٿا.
ڪو به سنڌي ياءُ، ڪاٺ جا سھڻا ڍڪ سان فريم
ئي انھن ۾ مٿي ڄاڻايل طريقي موجب ڇاپخانه تيار
ندو ته ڪيترائي واپاري خوشيءَ سان اھا خريد ڪندا
ھو ياءُ ھن ڪم مان چڱوئي ڪمائي سگھندو.

٥٧- ھيڪٽوگراف مس Hectograph Ink

(جيڪا اڳم ڄاڻايل ڇاپخاني لاءِ ڪم ايندي)

ِسٽل وايوليٽ (تيز رنگ)	Crystal Violet Con:	٤ آئونس
ِمنڊ گرين رنگ	Diamond Green-BXX	٤ آئونس
ٿر ٻير جو پائوڊر	Gum Arabic Powder	٤ آئونس
ب لوڻ جو ڇڊو	Acid Hydrochloric Dilute	٦ آئونس
سرن	Glycerine	٣ آئونس

ڪار بالڪ ائسڊ	Carbolic Acid	٣٠ ڦڙا
پاڻي ٽھڪندڙ	Boiling Water	٧٠ آئونس

ڪنهن شيشي جي برتن ۾، ٽھڪندڙ پاڻيءَ ۾ ڦھرين ڇڏي لوڙ ڇڙ تيزاب ملايو. پوءِ ان ۾ بلڪل سنھا پيئنل رنگہ ٻئي ملايوءِ پچاڙيءَ ۾ باقي رهيل شيون ملايو. هيءَ مس رواجي مس کان گھڻو گھاٽي آهي، تنھن ڪري هن سان لکڻ لاءِ بلڪل نرم نب (Nib) ڪم آڻڻ گھرجي.

٥٨- سليٽن جا اڇا قلم Slate Pens White

اڇي چيني مٽي (China Clay or Kaolin) يا ڪيڙي مٽيءَ (Pipe Clay) ڪسي ڳوهي مڌي جي سڌين جي مشين رستي، جھڙي بہ سائيز يا ماپ جا قلم، تيار ڪرڻا هجن سي تيار ڪجن. جڏهن هو بلڪل سڪي وڃن تہ پوءِ ڪنيارن جهڙي ڀٺي ۾ الڪل بہ ٽي ڪلاڪ ڪن وجهي پچائبو تہ پوءِ اهي سخت ٿيندا.

٥٩- سنان جو صابڻ (پيئرس سوپ جهڙو)

Transparent Toilet Soap

ڪوپرو	Cocoanut Oil	٢٠ حصا
ايرنڊيءَ جو تيل	Castor Oil	١٨ حصا
اسٽيئرڪ ائسڊ	Stearic Acid	١٢ حصا
ڪاسٽڪ سوڊا	Caustic Soda	١٠ حصا
پاڻي	Water	٣٠ حصا
کنڊ	Sugar	١٠ حصا

ڳليسرن Glycerine ١٠ حصا

شراب جو ست يا رواجي اسپرٽ

Alcohol or Spirit Methylated ١٠ حصا

رنگ خاص صابڻ جو ڳاڙهو Soap Colour Dark Red گهرج آهر

خوشبوءِ خاص صابڻ جي (ڪابہ) مرضيءَ موافق

Soap Perfume (Any)

پاڻيءَ ۾ سوڊا ڪاسٽڪ ڳاري انکي ٻئي ڏينهن ڪم آڻڻو آهي.

هلڪيءَ باھ تي ڪوپرو ۽ اسٽيئرڪ ائسڊ ۽ ايرنڊيءَ جو تيل ملائي پگهاريو. ان کي باھ تان هيٺ لاهي ان ۾ سوڊا ڪاسٽڪ جو ڳارو جو هڪ ڏينهن اڳ تيار ڪيو ويو آهي، سو ملائي چڱيءَ طرح گهوٽيو. جڏهن سڄو گهاٽيءَ رٻڙيءَ وانگر ڏسڻ ۾ اچي تہ انکي اٽڪل چار ڪلاڪ ڍڪي رکي ڇڏيو. چئن ڪلاڪن کان پوءِ، ڪنڊ ۾ ٿورو پاڻي ملائي باھ تي چاش ڪري ...ها، گليسرن، اسپرٽ ۽ ٿوري پاڻيءَ ۾ ڳريل صابڻ جو رنگ، ڍڪي رکيل صابڻ جي ز ٻريءَ ۾ چڱيءَ طرح ملايو ۽ اٽڪل اڌ ڪلاڪ کن گهوٽيو. ان کي پوءِ پاڻيءَ جي ٻاڦ (Water-bath) مٿان رکو. (پاڻيءَ جي وڏي ٻاسڻ مٿان صابڻ وارو ٻاسڻ رکو ۽ پاڻيءَ جي ٻاسڻ هيٺان باھ ٻاريو تہ پاڻي ٽهڪڻ لڳي). ٻاڦ جي گرميءَ تي ملائيءَ وانگر گهاٽو صابڻ پگهرجي شربت جي گهاٽيءَ چاش جهڙو شفاف ٿي پوندو.

پوءِ ان ۾ گھربل انداز خوشبوءِ جو ملائي فريمن ۾ وجھو. ان فريم کي ٿڌي پاڻيءَ ۾ رکو ته جئن جلد ٺري. هي صابڻ جيترو جلد ٺرندو اوترو وڌيڪ شفاف (Tranparent) ٿيندو. انکي اٽڪل سٽن ڏينهن کانپوءِ ڪپي، چڪيون تيار ڪجن.

٦٠- گئس مئنٽلس Gas Mantles

(گئس بتين ۾ برڻ لاءِ)

ٿوريم نائٽريٽ	Thorium Nitrate	٩٤ حصا
سيريم نائٽريٽ	Cerium Nitrate	١ حصو
زرڪونيم نائٽريٽ	Zirconium Nitrate	٥- حصا
مئگنيشم نائٽريٽ	Magnesium Nitrate	٢٥ حصا
ائليومنيم نائٽريٽ	Aluminum Nitrate	٧٥ حصا
ڊسٽلڊ واٽر (چڪايل پاڻي)	Distilled Water	ٻه هزار حصا

ڪنهن شيشي جي برتن ۾ ڊسٽلڊ واٽر ٺهڪايوءِ ان ۾ مٿيون سڀ شيون ڳاريو.

جهڙي جورابن ناهڻ لاءِ مشين ٿيندي آهي اهڙيءَ مشين تي رڳو ريشمي ڌاڳي (Artificial Silk) مان مئنٽلس جي جاري ٺهندي آهي. اها ڪن والن تائين ڊگهي ٿيندي آهي. انکي مٿي ڄاڻايل Solution ۾ پسائي اس ۾ سڪڻ رکو. سڪڻ کانپوءِ، ان مان چار، پنج يا ڇهه انچ (جيتري ٻه سوجھري. يا لائيٽ جا مئنٽلس ناهڻا هجن يعني ١٠٠، ٢٠٠٠ يا ٣٠٠ ڪئنڊل پاور واري روشني ڏيڻ لاءِ) ماپ جا ٽڪر ڪپجن انهن ٽڪرن جي هڪ پاسي پيڙيءَ کي ائسبيسٽاس ڌاڳي (Asbestos Twine) سان ٻڌي بند ڪجيءِ

بتي پاسي کي به اهڙي ئي ڍاڳي سان ڳوڙهيءَ وانگر
ڏوري وجهي پوءِ انکي استري يا لوهه کجي. هي
مئنٽلس، گئس جي گولن يا گئس بتين Petromax Lamps
۾ پرندا آهن. هنن جي ٺاهڻ ۾ بلڪل سنو نفعو آهي.

٦١- لوهه جون سليٽون Slates Unbreakable

ڪاربولڪ ائسڊ	Carbolic Acid	١٠ حصا
فارملين	Formalin	١٠ حصا
لڪئر امونيا فارٽس	Liq. Ammonia Fortis	١ حصو
ائسيٽون	Acetone	٤٠ حصا

ڪيون سرون پيٽل مٽي وانگر

	Burnt Brick Powder (Extra Fine)	٨ حصا
بتيءَ جو قلو ڪارو	Lamp Black	٢ حصا

هي سڀ پاڻ ۾ ملايو. هي ڇڊي روغن (Oil Paint)
وانگر ڏسڻ ۾ ايندو. جي بلڪل ڇڊو سمجهه ۾ اچي
ته ان ۾ ڪجهه وڌيڪ انداز سرون پيٽل ۽ بتيءَ جو
قلو ملائڻ گهرجي.

صاف ٽيل لوهه جي، ٽين جي يا ڪاٺ جي ٽڪرن
تي رواجي برش Hair Bursh سان هي مصالحو پينٽ
ڪريو. سڪي وڃڻ کان پوءِ بٺيءَ ۾ پچڻ لاءِ اٽڪل
هڪ ڪلاڪ ڪن ڇڏيو جتي گرميءَ جو درجو ٣٠٠
ڊگرين F ۽ ٣٥٠ ڊگرين F جي وچ ۾ هجي. ائين ڪرڻ
سان ان لوهه تي يا ٽين تي هڪ سخت ڪارو ته
چڙهي ويندو جو لوهي سليٽن جو سنو ڪم ڏيندو.

پوءِ ان تي ڪنهن به ڳاريندڙ شيءِ Solvent يا تيزاب Acid جو اثر نه ٿيندو. جيڪڏهن ڪاٺ تي اهو مٿي لکيل مصالح پينٽ ڪبو ته انکي باهه ۾ پچائڻ نه گهرجي. اهو مهني ڪن ڪان پوءِ پاڻيهي وايو منڊل جي گرميءَ ۾ به پڪي سخت ٿي پوندو.

٦٣ - چندن ڌوپ. Sandal Incense Candles

چندن چورو پيتل	Sandalwood Powder Fine	٤ رتل
چندن جو تيل	Oil Sandalwood	١ آئونس
ڪوئنر ڪتيلو (پيتل)	Gum Tragacanth (Powder)	١ هڪ رتل
قلمي شورو	Potassium Nitrate	٣ آئونس
پاڻي	Water	گهرج آهر

پهريون ٽي شيون پاڻ ۾ ملايو. پوءِ بلڪل ٿوري پاڻيءَ ۾ (اٽڪل چار آئونس) قلمي شورو ڳاريو. اهو پاڻي مٿين ٽن مليل شين ۾ ملايوءِ ڪجهه وڌيڪ پاڻيءَ جي ضرورت سمجهو ته اهو ملايو جئن مٿيون شيون آليون ٿي وڃن ۽ انهن کي هٿ ۾ ٿوروئي زور ڏيڻ سان جي هو ٻڌجي ڳوڙهي يا لڏون وانگر ٿي سگهن. ته سمجهڻ گهرجي ته اها آلاڻ ڪافي آهي.

پوءِ ان گهميل مصالح کي ڪاربن ۾ وجهي ڏٻاو رستي مرضيءَ موجب ماپ (Size) جون لٺيون ٺاهي به هفتا ڇانوَ ۾ سڪائجن.

٦٣- اگربتيون (اوچو قسم)

Fumigant Splints (High Grade)

چندن ڪاٺي پيٺل (منڍي مثل)
هڪ سير Sandalwood Powder (Extra-fine
ڌوپ لوبان اڇو (پيٺل)
هڪ آنو (چتانگ) Benzoin Powder Superior
ال مبڊي هڪ آنو Tolu Balsam
ندا لڪڙي پيٺل
اڌ سير Cascarilla Bark Powder
ندن جو تيل هڪ آئونس Oil Sandalwood
ستوري سچي هڪ ماسو Musk
ڪي اڌ پاءُ Honey
مي شورو ٻه تولا Sodium Nitrate

توري پاڻيءَ ۾ شورو ڳاريو پوءِ مٿي ڄاڻايل سڀ
ييون چڱيءَ طرح پاڻ ۾ ملايو. اهو ڌيان ڏيڻ ضروري
شڪ شيون منڍي جهڙيون سنهيون پنيل هئڻ ضروري
ن. پوءِ شوري وارو پاڻي ان ۾ ايترو ملايو جيئن هي سڄو
ڪن پچائڻ جي اڻي جهڙو نرم ٿي وڃي، پوءِ ان مان
رو ڏ رو ڪٽي بانس جي تيلين تي سنهو ته چاڙهيو. جئن
ڪيترييون ڏالون منڍي مان هٿ سان سيڻون ناهينديون
ن، اگربتيون ٻه ساڳيءَ طرح توري مصالح کي هٿ
ان مهٽي وڌائي ناهيون آهن.

٦٤- کوپري جي ٻانس مارڻ ۽ کاڌي لائق بڻائڻ (کوکو گولڊ جهڙو) Refining Cocoanut Oil

سوڍا ڪاسٽڪ ٩٨%	Soda Caustic 98%	٥ تولا
سهاڳو يا ڪنگڻ کار	Borax	اڌ آنو
پاڻي	Water	اڌ سير

هي سڀ پاڻ ۾ ملايو.

ڪچو ڪوپرو جيڪو ملندو آهي تنهن جا ٻه قسم ٿيندا آهن. جنهن ٻه ڪوپري ۾ جيڪڏهن خراب تيل ناريل يا ڏونگهين جي ٻانس اچي ته انهيءَ جي ٻانس ڪٽي مارڻ جي ڪوشش نه ڪجي پر اوچي قسم جو ڪچو ڪوپرو واپرائجي.

هلڪيءَ باهه تي ڪنهن ٿانوَ ۾ مٿين قسم جو ڪوپرو وزن ٻه سير وجهو. ان ۾ مٿي ڄاڻايل سوڍا ڪاسٽڪ وارو پاڻي وجهي ڪڙڇيءَ سان گهمايو. ٿانوَ هيٺان هلڪي باهه ٻرندي رهڻ گهرجي. اٽڪل اڌ ڪلاڪ کان ڪانپوءِ ڪڙڇو گهمائڻ بند ڪريو. ٿانوَ هيٺان باهه وسائي ٿانوَ کي ٻي ڪي اٽڪل ٢٤ ڪلاڪ کان ڇڏي ڏيو. پوءِ ڏسندا ته صاف ڪوپرو ٿانوَ مٿان آهي ۽ صابڻ ٿانوَ جي تري ۾ جاول آهي. اهو ڪوپرو (تيل) آٿرائي ڪنهن صاف ٿانوَ ۾ لاهي وجهو. جنهن جو وزن اٽڪل ڏيڍ سير کن ٿيندو ۽ هن ۾ ڪوپري جي ٻانس بلڪل گهٽجي قدر ماڻ جي ويندي ۽ ڪوڪو گولڊ وانگر يا ٻين قسمن جي رفائين تيل ڪوپري جي تيل وانگر کاڌي ۾ ڪم اچي سگهندو.

تنهيءَ جي تري ۾ ڇهه پيسا صابڻ کپرن ڏوئڻ ۾ ڪم
جي سگهيٿوءِ جي انکي وڪري لاءِ تيار ڪرڻو هجي
ان رهيل صابڻ ۾ اڌ سير پاڻي ملائي باهه تي پگهاريو.
ن ۾ اڌ سير مهووي جو تيل ملايو. پوءِ ان ۾ اڌ پاءُ
سوڊا ڪاسٽڪ اڌ پاءُ پاڻيءَ ۾ ملايل، ملائي ڪڙڇي سان
ڳيءَ طرح اٽڪل هڪ ڪلاڪ ڪن گهمايو. جيڪڏهن
ابڻ سستو ڪرڻو هجي ته سنگ جيراه پيٺل اڌ سير به
ن وقت ملايو. پوءِ تنهيءَ وارو صابڻ فريمن يا ڪٽن ۾
جهو. هي ٺري ڏينهن اندر ڄمي پوندو جنهن کي مرضيءَ
وجب کپي چڪيون يا لنيون تيار ڪجن.

٦٥- آتش بازيءَ جا نانگ Chemical Snakes

(الف - A)

شوري جو تيزاب تيز
گهرج آهر Acid Nitric (Concentrated)
رڪيوري آڪسائيڊ (ڳاڙهي)
گهرج آهر Mercury Oxide (Red)

(ب - B)

امونيم سلفوسيانائيڊ
گهرج آهر- ۱ حصو Ammonium Sulphocyanide
پاڻي Water ۱۰ حصا

شيشي جي وڏي منهن واري ڪنهن برتڻ ۾ شوري
و تيزاب (تيز) وجهو. ان ۾ ٿورو ٿورو ڪري مرڪيوري
آڪسائيڊ (ڳاڙهي) وجهي ڪنهن شيشي جي چمچي سان
گهمايو. تيزاب مان ڪجهه دونهون نڪرندو جو ساهه ۾

ڪٽڻ نہ گھرجي. پر ان ڪسان بہ چڻ جو بہ ھرويرو ضرور نہ آھي. اھا مرڪيوري آڪسائيڊ تيزاب ۾ گھرندي ويندي. آخر ۾ وٽ يڪ مرڪيوري آڪسائيڊ گھرڻ بند ٿيندي. انکي اٽڪل ڇھہ ڪلاڪ ڇڏي ڏيو ۽ پوءِ صاف ڳارو Solution آترائي ھڪ ٻئي برتن ۾ وجھو ۽ ان ۾ وري (ب ـ B) ۾ ڏيکاريل ڳارو Solution ٿورو ڪري ملايو. ائين ڪرڻ سان مرڪيوري سلفوسيانائيڊ جي اڇي رنگ جو ٻورو Precipitate تيار ٿي پوندو، جنھن ڪري صاف ڳارو بدلجي کير وانگر ڏسڻ ۾ ايندو. (ب ـ B) واري سوليوشن ايتري گھٽي ملائجي جو ان ڀرين ڳاري مان وڌيڪ کير جھڙو ٻورو نڪرڻ بند ٿئي. انکي پوءِ ھڪ ڏينھن ڇڏي ڏيو تہ ٻورو وڃي ترو ونندو ۽ صاف پاڻي مٿي ڏسڻ ۾ ايندو. اھو پاڻي بيڪار آھي جو ھاري ڇڏيو. تري ۾ جيڪو ٻورو آھي ان ۾ بلڪل ٿورو (اٽڪل سڄي ٻوري جي وزن جو اٺون حصو) پينل کونئر ڪتيلو (Gum Tragacanth) ملائي اٽي وانگر ڳوھيو. پوءِ جنھن ھٿ سان سيٽون ٺاھيون آھن ان مصالح مان اھڙيون سيٽون ٺاھي سگھايو. ڪجھہ آليون ھجن تہ تکي ڪپ سان ننڍا ننڍا ٽکر ڪري بہ سگھايو.

خبرداري:- مٿي ڄاڻايل سڀ شيون خوفناڪ زھر آھن. تنھنڪري انھن کي بلڪل خبرداريءَ سان رکجي تہ غيرواقفن ۽ ٻارن کي انھن مان ڪو نقصان نہ ٿئي.

٦٦- وار ڪارا ڪرڻ جي ڪريم
Hair Blackening Pomade

ڪيترن شخصن جا وار ننڍيءَ عمر ۾ اڇا ٿي پوندا ھن. ھو ڪيس يا خضاب لڳائڻ پسند نہ ڪندا آھن نھن ڪري وارن ڪارن ڪرڻ جي ڪريم ناھڻ جو ستو ھيٺ ڏجي ٿو. ھيءَ ڪريم جيتوڻيڪ صاف اڇي ۾ جھڙي رنگ جي نہ آھي تنھن ھوندي بہ ھيءَ ائنڊڙ خوشبوءِ واري ۽ سٺي آھي، تنھنڪري ڪنھن ي بہ ھيءَ ڪريم وارن کي لڳائڻ سان بيچان يا نفرت ٿيندي.

لور نائتريت ڪرسٽلس	Silver Nitrate Crystals	١ آئونس
مونيم ڪاربونيٽ	Ammonium Carbonate	٢ آئونس
لاب جو عرق	Distilled Rose Water	٤ آئونس
ڇي وئزلين	White Petroleum Jelly	٢٠ آئونس
وپرو ڪڇو	Cocoanut Oil	٢٠ آئونس
سينس گلاب	Oil Essence Rose	آئونس جي اٺين پتي

٦٧- اسٽينسل پنو Stencil Paper

جيسٽنر (Gestner) يا ٻين ڪيترن قسمن جون يو پليڪيٽر (Duplicator) مشينيون ٿينديون آھن جن ر خاص قسم جي ٻني تي خاص قلم يا ٽائيپ رائيٽر سان ھرين ڪجھ بہ لکيو ويندو آھي. اھو پنو ان مشين تي ڏنيو ويندو آھي، جنھن وسيلي ڪيتري بہ عدد ۾ انجون

ڪاپيون ڇاپي سگهبيون آهن. هيٺ انهيءَ خاص پني (Stencil Paper) جي ناهڻ جو رستو ڏجي ٿو.

ماکيءَ جي ميڻ	Bees Wax	٢ حصا
اسٽيئرڪ ائسڊ	Stearic Acid	١ حصو
هارڊ پئرافن ميڻ (٥٢ ڊگريون C)	Hard Paraffin (C ٥٢ ڊگريون)	٣٠ حصا
بينزال	Benzol	٦ حصا

ٻاڦ Water-Bath تي مٺيون پگهاري ان ۾ بينزال ملايوءِ بلڪل باريڪ لغڙائي پني (Tissue Paper) تي اهو ڪنهن برش سان مکيو جيئن سنهي ۾ سنهو تهه چڙهي. انکي ڪجهه وقت رکڻ سان بينزال سڪي ويندو ۽ پنو ڪم آڻڻ لاءِ تيار ٿي پوندو.¹ هڪ ڳالهه جنهن تي ڪاميابيءَ جو دارومدار آهي سا هيءَ آهي ته لغڙائي پنو بلڪل باريڪ ۽ ڪمزور هئڻ گهرجي جئن ڪاغذ ڪمزور هوندو تئن اسٽينسل پيپر سٺو ٿيندو.

٦٨- فروٽ جيلي ناهڻ جو پائوڊر
Fruit Jelly Crystals

پڙهيل ڳڙهيل طبقي ۾ اهڙو ڪو ورلي هوندو جنهن فروٽ جيليءَ جو سواد نه ورتو هوندو. هي چٽن يا پنجن آئونسن جي پڙن (Packets) ۾ پائوڊر جي صورت ۾ وڪامندي آهي جنهن کي هڪ پنٽ (Pint) يا ويهه آئونس گرم پاڻيءَ ۾ ڳاري، شيشي يا ائليومينم جي برتن ۾ وجهي، اهو برتن ڪنهن برف جي وچ ۾

ڪي اٽڪل هڪ ڪلاڪ ڪن ڍڪي رکبو تہ اهو
ڄمي قلودي وانگر ٿي پوندو آهي. هن ۾ تازي ۽
ڪل ميوي جا ننڍا ٽڪڙا مٿان ڇٽي پوء پليٽن ۾
ائڻ لاء وجهندا آهن. ڪي تہ وري ڪير جي ڪريم
مشين رستي ڪير مان ڪڍل) بہ ميوي جي ٽڪرن سان
نڊ وجهندا آهن جنهن ڪري پاڻ وڌيڪ لذيذ ٿي
وندي آهي.

ليٽن اوچي	Gelatine Best	٣٥ آئونس
سڊ سائٽرڪ	Acid Citric	٣ آئونس
نڊ	Sugar	١٢٠ آئونس
اڌي جو رنگ	Edible Colour	ٿورو انداز
اڌي جو اسينس	Edible Essence	گهرج آهر

هي سڀ پاڻ ۾ ملائي، بٽر پيپر جي ڦڙن ۾ ٤
آئونسن جا پڙا پڙيو. اهي پڙي وري ڊفتريءَ جي سهڻين
اڪسن ۾ وجهي بند ڪريو. هن هڪ پڙي مان ويهہ
آئونس جيلي تيار ٿيندي.

٦٩- فنائيل جو اسينس

Concentrated Liquid Disinfectant

رواجيءَ طرح فنائيل هڪ گئلن جي ڊبن ۾ وڪامندو
آهي. اگهن ۾ چٽاڀيٽيءَ سبب انهيءَ فنائيل ۾ گهڻي
انداز ۾ پاڻي ملايو ويندو آهي جنهن ڪري اهو بلڪل
سستو وڪڻي سگهندا آهن. پاڻي ملائڻ سان، فنائيل ۾

جو جيوڙا مارڻ جو گڻ آهي سو قدري گهٽجي فنائيل کي ناڪام ڪريو ڇڏي. تنهنڪري ڪيترا ماڻهو تيز جيوڙا مار ۽ سخت بانس وارو گهاٽو فنائيل پسند ڪندا آهن. انهيءَ گهاٽي ۽ تيز فنائيل کي اسينس يا ست ڪري سڏيندا آهن. ناهڻ جو رستو هيٺ ڏجي ٿو:-

رانجهن	Rosin	٨ سير
ٻيهي مڱن جو تيل	Groundnut Oil	١٠ سير
ڪريوزوٽ آئل	Creosote Oil	٦ سير
ڪوپرو	Cocoanut Oil	٦ سير
ڪاربولڪ ائسڊ	Carbolic Acid	٢ سير
فنائيل جون گوريون پيٺل	Naphthalene Powder	٣ سير
سوڊا ڪاسٽڪ	Caustic Soda	٣ سير
پاڻي	Water	٦٠ سير

وڏي ٿانوَ ۾ سڀ شيون (پوين ٽن کانسواءِ وجهي هلڪي باهه تي پگهاريو. جڏهن پگهرجي وڃن ۽ ملي هڪ ٿين ته پوءِ اُن ۾ پاڻيءَ ۾ ڳريل سوڊا ڪاسٽڪ ملايو ۽ تڪڙو گهوٽيو. اٽڪل اڌ ڪلاڪ تائين گهوٽڻ کانپوءِ اُن کي باهه تان هيٺ لاهي ڍڪي ٺرڻ رکو. ٺرڻ کانپوءِ جي ڪجهه گهاٽو سمجهڻ ۾ اچي، ته پنهنجي مرضيءَ موجب ان ۾ پاڻي ملائجي. جيڪڏهن ھن ۾ ڪجهه انداز (اٽڪل ٻه شيشا يا ٤٨ آئونس) اسپرٽ ميٿيليٽيڊ Spirit Methylated ملائبو ته پوءِ شيشي وانگر

ڦاف transparent ڏسڻ ۾ ايندو. اسپرٽ جي ھر ويرو
ملائجي ته به پرواھ نه آهي.

ھن فنائيل جو تورو انداز پاڻيءَ کي اڇو کير جهڙو
ڪري ڇڏيندو ۽ ھن ۾ سخت بانس آهي جا جيوڙا
رڻ لاءِ بلڪل اثرائتي آهي.

٧٠- بلو بلئڪ فائونٽين پين جي مس پڪي دستاويزن لاءِ

Fountain Pen Ink Permanent (Blue Black)

ٻسرين	Glycerine	٥ آئونس
لڪ ائسڊ	Gallic Acid	١٠ آئونس
ٻراڪس	Ferrous Sulphate	١٥ آئونس
ٽري	Tartaric Acid	١ آئونس

ڪ بلو ڪرسٽلس اي. ايس.
Ink Blue A. S. Crystals I. C. I. ساڍا ٽي آئونس
ملين Formalin پنج آئونس
ڻي Water ھڪ ھزار آئونس يا پنجويھ سير

شيشي يا چيني‌ءَ جي وڏي برڻيءَ ۾ ھي سڀ
يون پاڻ ۾ ملايو ۽ پندرھن ڏينھن تائين رکي ڇڏيو.
ءِ مٿي ترندڙ صاف مس آترائي تمام سنهي ڪپڙي
ن ڇاڻي شيشيون ڀريو. ھيءَ مس پارڪر جي ڪئنڪ
Quin مس جهڙيون خاصيتون رکي ٿي.

٧١- وارن وڌائڻ لاءِ سرهو تيل
Renovating Hair Oil

وارن وڌائڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته پهرين ڪرندڙ وارن کي روڪجي. وارن ڪرڻ يا ڇڻڻ جا مکيه ڪارڻ آهن: (١) مائٽن کان ورثو، (٢) نزلي جهڙي بيماري يا (٣) وارن کي تازي رکڻ لاءِ چمڙيءَ مان قدرتي تيل ختم ٿي وڃڻ.

پهرين ٻن حالتن ۾ علاج مشڪل آهي. باقي ٽيون ڪارڻ گهڻو ڪري بلڪل عام سبب آهي وارن ڪرڻ جو تنهن کي روڪڻ سولو ڪم آهي.

وارن ڌوئڻ لاءِ صابڻ، ڪار يا شيمپو ڪتب آندو ويندو آهي. اهي سڀ چمڙيءَ ۾ جو وارن کي طاقت ڏيڻ لاءِ قدرتي تيل آهن تنهن کي خشڪ ڪن ٿا جنهن ڪري وار ڇڻڻ لڳن ٿا. تنهنڪري مٿي ڌوئڻ لاءِ ميٽ يا آرينن جو پاڻي ڪتب آڻجيءَ وارن وڌائڻ لاءِ هيٺ ڄاڻايل تيل مٿي کي مالش ڪرڻ گهرجي.

ڄاڻ جو تيل	Oil Thymol	اڌ	آئونس
دالچينيءَ جو تيل	Cinamon	اڌ	آئونس
مٿائيل سئليسئليٽ	Methyle Salicylate	١	آئونس
ٻوهي مگن جو تيل	Groundnut Oil	٦	رتل
ڪوپرو	Cocoanut Oil	٨	رتل
ايرنڊيءَ جو تيل	Castor Oil	٢	رتل
آئل روز جيرينيم	Oil Rose Gerenium	١	آئونس

هي سڀ پاڻ ۾ ملائي سهڻين شيشين ۾ پريو. هي ننڍيءَ عمر وارن شخصن جي وارن کي مکڻ سان پنهنجو اثر جلد ظاهر ڪندو. وڏيءَ عمر وارن شخصن کي ڪافي عرصي تائين هن تيل سان صبوح شام مٿي کي مالش ڪرڻ گهرجي.

٧٢- ڊبل روٽي Double Bread

ڊبل روٽي ناهڻ هڪ اهڙو هنر آهي جو فقط لکڻ سان ڪڏهين به سمجهائي نه سگهبو. هن جي هنر سکڻ لاءِ روبرو ڏسڻ ۽ ڪرڻ ضروري آهي.

(طريقو)

هاپس (Hops) نالي سان هڪ قسم جي سڪل گلن جا پئڪيٽ وڪامندا آهن جن ۾ مئدي کي مچائي ڦنڊائڻ جو خنبيرو (Yeast) قدرتي ٿيندو آهي. ان هاپس جو هڪ تولو اٽڪل اڌ سير گرم (ٿهڪندڙ نه) پاڻيءَ ۾ وجهي رکو. اٽڪل ڪلاڪ کن ڪان پوءِ ان پاڻيءَ ۾ اڌ پاءُ مئدو ۽ اڌ تولو کن کنڊ ملائي ڪنهن بوتن ۾ بند ڪري ڪنهن گرم جاءِ ۾ اٽڪل اٺ ڪلاڪ ڇڏي ڏيو. ڏسندا ته اهو مئدو مچي ويو آهي ۽ هن مان ڊبل روٽين جهڙي ڪتي بانس ايندي. اهو خنبيرو سڏبو آهي.

پوءِ پنج سير مئدو ڪڻو. ان ۾ پنج تولا پيئل لوڻ ملايو ۽ ان ۾ مٿي ڄاڻايل هاپس مان تيار ٿيل خنبيرو ۽

گهرج آهر وڌيڪ پاڻي ملائي ڳوهيو. جهڙو ڦلڪن پچائڻ جو اٽو ڳوهبو آهي، هي به ايترو نرم هئڻ گهرجي. هن ڳوهيل مئدي کي ڪنهن صاف ڪپڙي سان ڍڪجي ۽ ان کي ڪٿي ڪنهن گرم جاءِ ۾ رکجي. اٽڪل پنج يا ڇهه ڪلاڪ رکي انکي کولبو ته ڏسبو ته مئدو بلڪل مڇي ڦندي پيو آهي. بيڪرين وارا هن ڦندل مئدي کي ڪاٺ يا پٿر جي صندلن تي سٽيندا آهن يا کي ته وري پير صاف ڪري ان سان لتاڙيندا آهن انهيءَ لاءِ ته ڊبل روٽي ڦونڊ سٺي ڪائي ۽ ان ۾ مانارو (Texture) به سهڻو بڻجي. پوءِ ان مٿل مئدي ۾ ٻن کان پنجن سيرن تائين پيو به ڪچو مئدو ملايو ويندو آهي، ۽ پوءِ ان مان جنهن به وزن جون ڊبل روٽيون گهرجن ان وزن جا ان مئدي مان گولا ناهي سٽيپ لڳل ڪاربن يا پترن ۾ رکندا آهن. انهن کي اٽڪل ٻه ڪلاڪ ڪن رکي پوءِ ڀٽيءَ ۾ پچائيندا آهن. اهو ان ڪري ته ڪچو ملايل مئدو به مڇي راس ٿئي ۽ ڊبل روٽي بلڪل گهٽي ڦندڙيل ٿئي.

ڊبل روٽين جي پچائڻ لاءِ گرميءَ جي حد جي ڄاڻ بلڪل ضروري آهي.

ڊبل روٽي ٣٠٠ ڊگريون فهرنائيٽ (300° F) کان وٺي ٣٥٠ ڊگريون فهرنائيٽ (350° F) تائين پچائي سگهجي ٿي. جڏهن ڊبل روٽي ننڍي ٿئي گرمي ڪجهه وڌيڪ ۽ پچڻ جو وقت بلڪل ٿورو. پر جي ڊبل روٽي

ي وزن واري هجي ته پچائڻ لاءِ گرمي بلڪل ٿڌي
وقت کجهه وڌيڪ هئڻ گهرجي.

٧٣- واري پنو Sand Paper

واري پني ناهڻ ۾ خاص گهڻي ناڻي جي ضرورت
آهي ۽ نڪا ڪا خاص ڪاريگري گهرجي. هن جو
نپو به چڱو آهي. تنهن ڪري ڪي به ياڻر هي ڪم
ليندا ته چڱو ڪمائي سگهندا.
شيشي جي صاف ٿيل ٽڪرن کي پينهين سنهو
رٽو آهي. پوءِ اهو پيٺل شيشو نمبروار ڇهرين ٿلهي
ٽيءَ ۽ پوءِ ان کان کجهه سنهين ڇاڻين مان ڇاڻي
ا جدا گريڊن جي شيشي جو پائوڊر جدا ڪرڻ گهرجي.
ي ۽ مضبوط ڪاغذ تي هيٺ ڏيکاريل پسيل ڪوئنر
ي، ان ڪاغذ مٿان ڪافي انداز ۾ شيشي جو پائوڊر
ڪارڻ گهرجي. جيترو به انداز ان ڪاغذ تي چڙهئو
ندو اوترو چڙهي ايندو ۽ جيڪو وڌيڪ هوندو
ڪاغذ کي اوندو ڪرڻ سان ان تان جدا ٿي لهي
و. اهو وري ٻين ڪاغذن تي هڻڻ لاءِ ڪم ايندو.

واري پني لاءِ گهربل ڪوئنر

ا سليڪيٽ	Soda Silicate	١ سير
ڪندڙ پاڻي	Boiling Water	اڌ سير
ر ٻبر جو پيٺل	Gum Acacia Powder	١ پاءُ

هي سڀ پاڻ ۾ ملايو ۽ ٺرڻ ڪانپوءِ ڪم آڻيو.

ٻيو طريقو

سرس	Glue	١ سير
کوئنر ٻٻر جو	Gum Acacia	٢ سير
سرڪي جو تيزاب	Acetic Acid	اڌ آئونس
گليسرين	Glycerine	۴ آئونس
ٽهڪندڙ پاڻي	Boiling Water	٣ سير

ٽهڪندڙ پاڻيءَ ۾ سرس ۽ کوئنر ڳاريو. ڳري وڃڻ کان پوءِ ان ۾ گليسرين ۽ سرڪي جو تيزاب ملايو.

۷۴ - کاڌي جي تيلن جي ٻانس مارڻ

Refining Edible Oils

هن کان اڳ ۾ کوپري جي ٻانس مارڻ لاءِ طريقو ڏنو ويو آهي. اهو طريقو کاڌي جي سڀني قسمن جي تيلن کي صاف (Refine) ڪرڻ لاءِ ڪافي نه آهي. جيتوڻيڪ عام طرح کوپري پچائڻ لاءِ اهوئي طريقو ڪم آڻيندا آهن. هيٺ تيل رفائين (Refine) ڪرڻ جو رستو ڏيان ٿو جنهن رستي کهڙي به قسم جي کاڌي جو تيل جهڙوڪ کوپرو، ترن جو تيل ۽ ٻيهي مڱڻ جو تيل، ڪڪرن جو تيل (Cotton Seed Oil)، ايرنڊي جو تيل (Castor Oil) يا السيءَ جو تيل (LinseedOil) رفائين يا صاف ڪري سگهبو. نه فقط تيل جي ٻانس مري ويندي پر تيل جو رنگ به صاف ۽ سهڻو ٿي پوندو.

طريقو

ڏوبين جو مصالح	Bleaching Powder	٥ آئونس
چنو (قلاريل)	Lime (Slaked)	٥ آئونس
پاڻي	Water	اڌ سير
ڪوپرو ڪچو	Cocoanut Oil	اڍائي سير

پاڻيءَ ۾ چنو قلاريل ۽ بليچنگ پائوڊر (ڏوبين جو مصالح) ڳاريو پوءِ ڪنهن وڏي برتڻ ۾ ڪوپرو وجهي ان ۾ هي ڳارو ملايو ۽ ان کي اٽڪل ٻه ڪلاڪ ڪن چڱيءَ طرح گهوٽيو. پوءِ اٽڪل ٽن يا چئن ڏينهن لاءِ انکي ڪنهن ڪپڙي سان ڍڪي رکي ڇڏيو. ان وقت ۾ هي ڄمي پوندو. انکي ننڍا ننڍا ٽڪر ڪري ڪنهن وڏي ٿانوَ ۾ وجهي ان هيٺان باھ ٻارجي. ان ۾ ٿورو ٿورو ڪري هيٺ ڄاڻايل ڳارو (Solution) ملائي گهمائجي.

تيزاب گندڪ جو ـ نبج	Sulphuric Acid ٢	آئونس
پاڻي	Water ١٠٠	آئونس

پاڻيءَ ۾ ٿورو ٿورو ڪري ملايو ۽ مٿي ڄاڻايل طريقي ڪم آڻيو.

هي ڳارو (سوليوشن) مٿي ڄاڻايل ٿانوَ ۾ ٿورو ٿورو ڪري ملائجي جنهنڪري ٿانوَ ۾ سڀ اڇا ڳنڍا تيزاب واري پاڻيءَ پوڻ سبب ڳري پوندا ۽ اڇوائي جهڙو پورو ٿانوَ جو ترو وڃي وٺندو ۽ صاف ڪوپرو يا تيل ٿانوَ ۾ مٿي ترندو نظر ايندو. سڀ ڪم آندل ڪوپرو (اٽڪل هڪ يا ٻه سير ڪوٽ ڪاٽڻ واءِ) صاف تيل صورت ۾

ان ٽٽيءَ مان آنرائي ڪڍي سگهبو ۽ ٽٽيءَ جي تري ۾ جيڪو اڇي رنگ جو ٻورو رهندو سو ڪڍي اس ۾ سڪايو. اها چيرولي (Plaster of Paris) آهي جا ڪيترن ڪمن ۾ اچي سگهيٿي.

هن نموني تيل صاف تيل، بلڪل بنا بانس ۽ سهٺي اڇي رنگ جو ٿئي ٿو ۽ ڪاڌي لاهڻ ۾ ڪم اچي سگهي ٿو. دوائي ايرنڊيءَ جو تيل (Medical Castor Oil) به هن طريقي سان تيار ڪيو ويندو آهي.

وارن ڪارن ڪرڻ جي ڪريم

صفحه ٦٩ تي هن ڪريم ٺاهڻ جو نسخو ڏنو ويو آهي. ان نسخي مان ڪريم تيار ڪرڻ جو رستو هيٺ ڏجي ٿو.

گلاب جي عرق ۾ سلور نائتريت ڳاريو. ان ۾ ٿوري ٿوري ڪري امونيم ڪاربونيت وجهندا وڃو جيسين سموري ڳري پاڻي تي وڃي. پوءِ هلڪيءَ باهه تي، وئزلين پگهاري ان ۾ ڪوپرو ملائي، ڪنهن ويڪري منهن واري شيشي يا چينيءَ جي برتن يا ڪولي ۾ لاهي وجهو. ان ۾ امونيم ڪاربونيت ۽ سلور نائتريت وارو ڳارو وجهي، شيشي يا پلاسٽڪ جي چمچي سان چڱيءَ طرح گهمايو ۽ پڇاڙيءَ ۾ اسينس گڏي چڱيءَ طرح گهمائي ڪنهن نيري يا ناسي رنگ وارن شيشن ۾ وجهي رکو.